وِڦڻ ويڄن وَٽِ، جي سِڪين تہ سَگهو ٿيين (شاهہ)

ماهوار

# ويڄ

ڪراچي

ABC CERTIFIED

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

## ذيابيطس نمبر

(مٺن پيشابن بابت خاص ڇاپو)



# 12 کروڑ کی بجائے

# اگر ہم 6 کروڑ ہوتے!



## تو آج

- ۹ سو ارب روپے کے مقروض نہ ہوتے
- ہماری فی کس آمدنی ۴ گنا زائد ہوتی
- ہمارا تعلیمی معیار ۱۰۰ فیصد بین الاقوامی سہولیات کا حامل ہوتا
- چائے، پیٹرول اور تیل پر آدھا زرمبادلہ صرف ہوتا
- گندم وافر مقدار میں برآمد کر کے کثیر زرمبادلہ کماتے
- نئی آبادی بڑے شہروں میں منتقل نہ ہوتی
- غربت اور کچی آبادیاں نہ ہوتیں
- ہر سطح پر خود کفیل اور خوش حال ہوتے

خاندانی منصوبہ بندی کے طریقے اپنایئے

**وزارتِ بہبودِ آبادی ۔ حکومتِ پاکستان**

PID(I)

adage

## رسالي جو ٽائيٽل ڏاڍو وڻيو.

مان حيدرآباد کان موري وڃي رهيو هئس. مون دل ۾ سوچيو، ڇو نہ بوريت کان بچڻ لاءِ ڪو رسالو يا اخبار خريد ڪريان. اهو خيال ڪري بس اسٽاپ کان ٿورو هيٺ لٿس تہ سامهون بڪ اسٽال هئو. جن تي ڪيترائي رنگ برنگي رسالا موجود هئا. مگر توهانجي ٽائيٽل جي خوبصورتي دل موهي ڇڏي. اهو ئي سوچي خريد ڪيم تہ خوبصورت ٽائيٽل وانگر اندر بہ خوبصورت هوندو. پوءِ بس جي سيٽ تي ويهي رهيس ٿوري دير کان پوءِ آهستي آهستي بس هلڻ لڳي ۽ آءٌ پنهنجي ڪمزور هٿن کي همت ڏيندي ويچ رسالي جا ورق اٿلائيندو ويس. ورق اٿلائيندي، اٿلائيندي منهنجي نظر "ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي سالياني رپورٽ" تي پئي، ائين دل ۾ خيال ڪيم تہ هن رپورٽ کي پڙهان، پڙهڻ کان پوءِ ذهن جا تالا کلي ويا. ان سان گڏوگڏ "موهيڙن کان ڇوٽڪارو مان ڏاڍي ڄاڻ ملي. منهنجي طرفان توهانجي سڄي اداري کي جس هجي. پهريون پيرو ميڊيڪل جو رسالو ڏسي ڏاڍي دل کي خوشي ٿي. اميد تہ پنهنجي رسالي ۾ اجان اهڙين بيمارين جي باري ۾ لکندا جن کان شايد اسان اڻ ڄاڻ آهيون.

**اوهان جو**
**خالد ٻگهيو**
**حسين آباد حيدرآباد**

ادا!!
توهانجو خط حاضر آهي
مهرباني

## رسالو موڪليو يا اسٽال جي ائڊريس لکو

مان زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جو اسٽوڊنٽ آهيان. مان هڪڙي آفيس ۾ توهان جو ماهوار ويچ ڏٺم، ان کي پڙهيم مون کي ڏاڍو پسند آيو. مون کي ڏاڍو شوق آهي تہ مان رسالو هر مهيني پڙهان پر مون کي اهو رسالو ويچ ملي ڪونہ ٿو، ان لاءِ مان توهان کي خط لکي رهيو آهيان تہ مهرباني ڪري توهان هن ائڊريس تي يا حيدراباد جي ڪنهن دڪان جي ائڊريس ٻڌائيندا جتان اهو رسالو ملي ٿو. هر مهيني رسالو موڪليندا رهو تہ توهان جي مهرباني ٿيندي.

**راشد مصطفيٰ ميمڻ**
**سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام**

جواب:-
سائين رسالي جي سالياني خريداري جو فارم ڀري هڪ سئو روپين جي ڊرافٽ سان اڳواٽ موڪليو تہ رسالو توهانکي ملندو رهندو. حيدرآباد ۾ اسانجو سول ايجنٽ شاهہ لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتي ۾ آهي يا انڪانسواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي اسٽالن تي موجود آهي. هي رسالو توهانجو پنهنجو آهي ٽنڊي ڄام ۾ انهي لاءِ ايجنٽ ڳولي ڪيس چوندا تہ حيدرآباد مان هول سيل ايجنٽ وٽان ڪاپيون وڪري لاءِ وٺي اچي.
مهرباني

## رسالو سستو آهي پر جي قيمت گهٽ هوندي تہ وٺندس

توهان ڪراچيءَ مان صحت جي باري ۾ ماهوار سنڌي "ويچ" رسالو شايع ڪيو ٿا. مونکي اهو پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي تہ توهان ڪافي جدوجهد ڪري صحت تي ڄاڻ هٿ ڪري هڪ رسالي جي صورت ۾ ماڻهن جي ذهن تائين پهچايو ٿا. ادا مون اهو رسالو ڪنهن شخص وٽ دوران سفر ڏٺو هو ۽ ان جو جائزو ورتو تمام سٺو لکيل هو. ان ڪري آئون توهان کي هيءُ خط لکي رهيو آهيان. آئون غريب شاگرد آهيان صحت تي لکيل رسالو تمام سٺو آهي. اميد ٿو ڪريان تہ ضرور بہ ضرور تفصيل سان لکي موڪليندا. جيڪڏهن رسالي جي في گهٽ هوندي تہ پهچ مطابق ضرور بہ ضرور وٺندس. مهرباني.

**توهان جو**
**شفيع محمد چند**

ادا شفيع محمد چند صاحب
خط لکڻ لاءِ مهرباني - رسالي جي سالياني في فقط هڪ سئو روپيا آهي جيڪا اسان پنهنجي غريب قوم جي هر فرد لاءِ هڪ ڪري رکي آهي. مناسب لڳي تہ سالياني چندي جو فارم ڀري موڪليو نہ تہ هوندئن بہ رسالو ڏهہ روپيا في ڪاپي جي حساب سان اسٽالن تي موجود هوندو آهي.

# ايڊيٽوريل

# ذيابيطس ۽ اسان جو معاشرو

ويج جي خاص ڇاپن (Special editions) ڇاپڻ جي سلسلي ۾ ڪافي مهربان اسان کي ڪجھ عرصي کان لکي رهيا هئا. سندن مشورن تي سوچڻ کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون جو ويج جو پهريون خاص ڇاپو اڄ توهان جي هٿن ۾ آهي.

اسان ويج جي خاص ڇاپي جي بسم الله اهڙي نرالي مرض جي موضوع سان ڪري رهيا آهيون جيڪو انسان ذات جو ڳجهو دشمن آهي يعني ڪٿي ڪنهن سان ظاهري پيو وڙهندو ۽ ڳاريندو ته ڪنهن کي وري جسم اندر ڳجهي نموني پيو پيچيدگيون پيدا ڪندو. ڪڏهن ڪڏهن ته وقتائتي خبر نه پوڻ تي اندر ئي اندر ڪيترن عضون کي ڳاري ۽ ساڙي ڇڏيندو.

ذيابيطس جي بيماري هن دؤر جي ڪنهن به فرد کان ڳجهي نه آهي، پر انهيءَ جي هاڃن کان تمام ٿورا ماڻهو واقف آهن. ان حد تائين جو ڪڏهن ڪڏهن ذيابيطس جا ڪيترا مريض اڻڄاڻائي سبب پيچيدگين جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ جڏهن پاڻي مٿي تائين چڙهي ايندو آهي ته پوءِ پيا هٿ پير هڻندا آهن ۽ ڊاڪٽرن تائين ڊڪندا آهن ته "وارو ڙي وارو سر ٿو وڃي" . ڪيترا ماڻهو وري ڄاڻ هوندي به ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته "مولا مالڪ آهي" اڳتي هلي ڏٺو ويندو. ڪي وري غير سائنسي طريقن سان پيا پنهنجا ٽوٽڪا استعمال ڪندا ته فلاڻي ماڻهو فلاڻي شيءِ کاڌي، ٺيڪ ٿي ويو، بس هاڻي رڳو منهنجي ڪائڻ جي دير آهي، اجهو ٿو ٺيڪ ٿيان.

ياد رکڻ گهرجي ته ذيابيطس هڪ اهڙي بيماري آهي جيڪا اگر هڪ ڀيرو شروع ٿئي ٿي ته پوءِ ان کان جان ڇڏائڻ ناممڪن آهي، ها باقي ان تي قابو پائڻ يا ڪنٽرول ڪرڻ آسان آهي ۽ اهو ڪنٽرول ئي آهي جنهن سان ذيابيطس ۾ ڦاٿل هر انسان پنهنجي حياتي سٺي نموني سان گذاري سگهي ٿو ۽ ذيابيطس جي هاڃن کان بچي سگهي ٿو. پوءِ اهو ڪنٽرول دوائن سان هجي يا کاڌو خوراڪ سان. ان سلسلي ۾ اسان ڪافي حد تائين ويج وسيلي اوهان تائين ڄاڻ پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. جيڪا ذيابيطس ۾ ڦاٿل ماڻهن لاءِ خاص طرح ۽ هر ماڻهو لاءِ عام طرح مددگار ثابت ٿيندي عام ماڻهن لاءِ به ذيابيطس جي ڄاڻ نهايت ضروري آهي ڇوته ذيابيطس جي مريضن سان انهن جا جيڪي لڳ لاڳاپا آهن. تن وسيلي هو به انهن مريضن جا مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

اسان وٽ هڪ عجيب وهنوار آهي جيڪڏهن ڪير ڪنهن وٽ مهمان ٿي ويو، پوءِ ڀل اهو ذيابيطس يا دل جي بيمارين ۾ ڦاٿل ڇو نه هجي، ميزبان پنهنجي ميزبانيءَ جا سيئي فرض پورا ڪرڻ ۾ لڳو پيو هوندو. هر شيءِ پيو مهمان کي کارائڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ چوندو ويندو ته "قسمت سان ته آيو آهين ڪجھ نه ٿيندو" اگر ڪير بيماري سبب انڪار ڪندو ته ميزبان سڄورو ٿورو ناراض به ٿي ويندو، اهو ڪونه ڏسندو ته سندس ميزباني، مهمان لاءِ چڱائي آهي يا جوکو. انهيءَ ڪري هر ماڻهوءَ کي ذيابيطس ۽ ٻين بيمارين جي بنيادي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي ته جيئن وقت سر ڪير پنهنجن پيارن- يارن ۽ مٽن مائٽن سان ويرَ نه ويري.

ذيابيطس ۾ ڦاٿل ماڻهو جي اگر ڪير دعوت ڪري ته ان ميزبان جو اهو فرض آهي ته دعوت ۾ کاڌا اهڙا تيار

ڪرائي جيڪي مهمان جي ڪاڻ جوڳا هجن ۽ اهي ڪاڏا ميزبان ٻه ڪائي سگهي. پر جي ڪاڏا صرف ميزبان جي ڪاڻ جوڳا هوندا تہ اها مهمان سان زيادتي ٿيندي.

ذيابيطس جي بيماري ڪي لڪائڻ جوبہ اسان وٽ ڪافي رجحان آهي. متان ڪير ٽوڪي نہ وجهي. ٻين سامهون سڀ ڪجهہ پيا کائون، گهر ۾ پرهيز ڪبي. پر ياد رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ مريض کي ٽوڪڻ، مرض ڏيندڙ کي ٽوڪڻ برابر آهي ڇوتہ انسان بيماري اڳيان بيوس آهي. انڪري معاشري مان مرض ۽ مريض بابت ٽوڪ واري عادت ختم ڪرڻ گهرجي ۽ مريض کي گهرجي تہ هو معاشري ۾ هر شي ڇٽي طرح کولي ٻڌائي. جنهن ۾ سندس ئي فائدو آهي ڪنهن بہ بيماري کي لڪائڻ سخت هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.

اسان اڄا ايترا حقيقت پسند ڇونہ ٿي سگهيا آهيون جو هر لڱائي، ڇڱائي ۽ برائي، ڀلائي کي هر ڪنهن آڏو ظاهر ڪري سگهون. جنهن سان اسان کي ڪا روشن راه ملي سگهي، ڇوتہ حقيقت ۽ سچ ئي هر موڙ تي صحيح رستو ڏيکاري ٿو. روڪ، ٽوڪ ۽ ٺٺول اسان کي هر موڙ تي اونده پاسي ڌڪيندا رهن ٿا، تنهنڪري صحتمند معاشري لاءِ اهو ضروري آهي تہ اسان جو هر قدم، هر دم اٽل ۽ حقيقتن تي ٻڌل هجي. نہ صرف بيمارين جي سلسلي ۾ پر هونءَ بہ اها حياتيءَ جي وهنوار جي واٽ هئڻ گهرجي.

ذيابيطيس جي هن خاص اشاعت ۾ اسان ڪجهہ ڏيهي ۽ پرڏيهي ماهرن جا مضمون ۽ رايا ڇاپي رهيا آهيون اميد تہ اسان جا پڙهندڙ نہ صرف پاڻ پڙهندا پر اها ڄاڻ هن ذرتيءَ جي ڪند ڪڙڇ تائين پکيڙڻ ۾ پاڻ پتوڙيندا ۽ انهن تي عملي ڪم ڪندا. ذيابيطس جي مسئلي کي معاشري ۾ جڏهن گڏيل بنيادن تي کڻبو تڏهن ئي ان کي قابو ۾ ڪري سگهبو.

## ڊاڪٽر سليمان شيخ سان تعزيت

مشهور سماج سڌارڪ، اديب ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي چيئرمين محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ جنهن پنهنجي سڄي ڄمار ٻين جي صحت ۽ چڱيلائي لاءِ وقف ڪري ڇڏي تنهن جي نياڻي سان سپر هاءِ وي تي جيڪو حادثو پيش آيو، اسان جو ادارو ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس خاندان جي ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي.

اهو ٻڌي ڏاڍو افسوس ۽ تعجب ٿيو تہ ڊاڪٽر صاحب جي نياڻي جيڪا پاڻ بہ ڊاڪٽر هئي، سا حادثي ڪان پوءِ جياپي لاءِ جدوجهد ڪندي ايل. ايم.سي اسپتال تائين پهتي، جتي اڻپورين طبي سهولتن سبب هوءَ موت جو مقابلو نہ ڪري سگهي. افسوس! جنهن ملڪ ۾ مسيحائن لاءِ بہ طبي سهولتن ۽ پهچ جو معيار اهڙو ڪريل هوندو تہ ڇا اهو ملڪ صحت جي عالمي اداري (W.H.O) واري پروگرام "سال 2000ع تائين صحت سڀن لاءِ" سان گڏوگڏ هلي سگهندو.

## ڊاڪٽر زمان شيخ سان تعزيت

ماهوار ويچ جي ايسوسيئيٽ ڪلينيڪل ايڊيٽر ڊاڪٽر زمان شيخ جو والد محترم امام بخش شيخ تازو ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو. اسان ڊاڪٽر صاحب جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ ٿي مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا ڪريون ٿا.

——— ادارو

# ڊيابيطس جي عالمي ڏينهن جو پس منظر

**ڊاڪٽر زمان شيخ**
ايم. بي، بي. ايس، ايم. آر. سي.پي،ايف. سي. پي ايس، ايم. ايس. سي (انڊوڪرائينالاجي ۽ ڊائبٽيز)

ڇا اوهان ان مرض کان باخبر آهيو جيڪو سموري دنيا ۾ 120 ملين ماڻهن کي سنئون سڌو متاثر ڪري رهيو آهي. جنهن ڪري سڌي يا اڻ سڌي طرح دل جي دوري، اڌرنگي، گردي جي بيمارين، نظر جي لاچاري/موتئي (انڌو ٿي پوڻ تائين)، گينگرين (پيرن جو سڪي، ڪارو ٿي ناڪاره ٿي وڃڻ) ۽ حمل جون بيشمار پيچيدگيون ٿي سگهن ٿيون. پڪ سان توهان جو اندازو صحيح آهي. ان لاڳاپي کي ذيابيطس يا شگر جو مرض چئبو آهي. پر حقيقت اها آهي ته هن بيماريءَ جي هاڃيڪارڻ دائمي اثرن جي ڄاڻ جي حوالي سان اوهان ان ٿورائي يا اقليت سان واسطو رکو ٿا جا هن موذي مرض کان باخبر هجڻ جو شرف رکي ٿي ڇوته 95 سيڪڙي کان وڌيڪ دنيا جي آبادي ان حقيقت کان بلڪل بيخبر آهي ته ذيابطس هڪ ماريندڙ، اجهو چيچلائي ماريندڙ پيچيده بيماري آهي ۽ اها يقيني طور تي موتمار آهي. جيڪڏهن ان جو صحيح ۽ بروقت علاج نه ڪيو وڃي ته.

> اها سموري دنيا ۾ ذيابيطس جي پيچيدگين جي خلاف جهاد جي شروعات هئي ۽ ان سلسلي ۾ جدوجهد تيز ڪرڻ جي عزم جو اظهار هو. سڀ کان اهم ڳالهه ته اها جدوجهد صرف هڪ ڏينهن تي مشتمل نه هئي، پر اها هڪ مسلسل ڪوشش جو عزم هئي جيڪا تيستائين جاري رهندي جيستائين ذيابيطس جي موذي مرض جو هن دنيا ۾ نالو نشان باقي آهي.

ان باري ۾ بين الاقوامي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ W.H.O (ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن) ۽ I.D.F (انٽرنيشنل ڊائبٽيز فيڊريشن) ٻنهي گڏجي مختلف ملڪن جي قومي ۽ مقامي، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن جي تعاون سان دنيا جو پهريون ”عالمي ذيابيطس ڏينهن“ 27 جون 1991 تي W.H.O جي قرارداد نمبر 423 مطابق ملهايو. اهڙي قسم جي عالمي سهڪاري ڪوشش ۽ ڏينهن ملهائڻ جو مقصد اهو هو ته شگر جي مريضن جي زندگيءَ جي معيار کي وڌائڻ سان گڏوگڏ شگر بابت ضروري ۽ بنيادي ڄاڻ عام ماڻهن تائين پهچائي وڃي ۽ ان کان اڳواٽ بچاءَ جي طريقن تي عمل ڪيو وڃي. ان لاءِ اهڙي قسم جي تعليمي تقريبن (EVENTS)، ليڪ ۽ پوسٽرن جي مدد سان ماڻهن جو ڌيان هن شديد قسم جي هاڃيڪار بيماريءَ ڏانهن ڇڪايو ويو. ان سلسلي جي سڀ کان پهرين تقريب 9 مئي تي جنيوا (سئزر لينڊ) ۾ چوئيتاليهين ورلڊ هيلٿ اسيمبلي جي موقعي تي منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ سموري دنيا جي 86 ملڪن جي اٽڪل هڪ سو تنظيمن وٽان 450 کان وڌيڪ ذيابيطس سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي. دنيا جي هر خطي سان تعلق رکندڙ ۽ جدا جدا ٻوليون ڳالهائيندڙ انهن ماڻهن ذيابيطس جي باري ۾ عام بيداري آڻڻ ۽ علم ڦهلائڻ جو پرجوش مظاهرو ڪيو. ميمبر ملڪن کي هن بيماري جي مسئلن جي باري ۾ سوچڻ ۽ ڪين حل ڪرڻ

جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. هن موقعي تي صحت جي عالمي اداري (W.H.O) جو ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر ناڪا جيما بذاتِ خود شريڪ ٿيو ۽ هن ڳالهه تي زور ڏنو ته ذيابيطس جي منهن زور گهوڙي کي لغام ڏيڻ لاءِ منظم ۽ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ گهرجن.

اها سموري دنيا ۾ ذيابيطس جي پيچيدگين جي خلاف جهاد جي شروعات هئي ۽ ان سلسلي ۾ جدوجهد تيز ڪرڻ جي عزم جو اظهار هو. سڀ کان اهم ڳالهه ته اها جدوجهد صرف هڪ ڏينهن تي مشتمل نه هئي پر اها هڪ مسلسل ڪوشش جو عزم هئي جيڪا تيستائين جاري رهندي جيستائين ذيابيطس جي موذي مرض جو هن دنيا ۾ نالو نشان باقي آهي.

هن سلسلي جي هڪ ڪڙي 22-20 جون 1991 تي بالٽيمور ۾ هڪ سيٽلائٽ (SATELLITE) سمپوزيم هيو. آگسٽ 1992 ۾ جرمني ۾ جرمن ذيابيطس يونين جي زير اهتمام هڪ ورڪشاپ منعقد ٿيو. اها "گڏيل جرمني" جي پهرين ڪامياب ڪوشش هئي جنهن ۾ ذيابيطس جي مختلف پيچيدگين جو جائزو ورتو ويو ۽ جن مسئلن تي غور ۽ فڪر ڪيو ويو تن ۾ ذيابيطس، رانديون ۽ عملي ورزش، نفسياتي پهلو، حمل ۽ خانداني منصوبه بندي، شگر جي مريضن ۽ طبيب جو باهمي رشتو، ذيابيطس خلاف ضابطا ۽ گلوڪوز جو رت ۽ پيشاب ۾ ٽيسٽ ڪرڻ، عام سماجي سوال وغيره شامل هئا.

اهي ۽ ان سلسلي جون بيشمار ٻيون گڏجاڻيون نهايت پر اثر، منظم ۽ ڪامياب رهيون. ان سلسلي ۾ پاڪستان ۾ گذريل سال جون ۾ ڪراچي ۾ ذيابيطس ايسوسيئيشن آف پاڪستان (D.A.P) جي زير اهتمام هڪ سمپوزيم منعقد ٿيو جهن ۾ مختلف مقالن ۾ هن ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته ذيابيطس کي جڙ کان ختم ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي. تازو D.A.P جي ڪراچي سينٽر ۾ ان سلسلي ۾ ذيابيطس جي ماهرن ۽ مريضن جي هڪ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ شگر جي مريضن حصو ورتو مختلف سوال پڇيا ۽ معلومات حاصل ڪيائون.

1992 ۾ امريڪن ذيابيطس ايسوسيئيشن (A.D.A) اهو نعرو ڏنو (TOGETHER WE CAN, JUN-TOS- PODEMOS) يعني جيڪڏهن اسان سڀ گڏجي ڪوشش ڪيون ته اهو ممڪن آهي. يعني اسان سڀني جي گڏيل ڪوشش سان ئي ذيابيطس تي فتح پائڻ ممڪن اهي.

ذيابيطس ترقي يافته ۽ ترقي ڪندڙ ملڪن ٻنهي ۾ صحت عامه (PUBLIC HEALTH) جو اهم ۽ ڌيان طلب مسئلو آهي. اهو اڄڪلهه گهٽن ئي ملڪن ۾ موت جي مڙني سببن کان وڏو سبب بڻجي چڪو آهي. صحت واري عالمي اداري (W.H.O) جي لڳايل هڪ اندازي مطابق شگر جي بيماري ڪروڙين انسانن کي متاثر ڪري ٿي، پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته انهن جي اڪثريت کي ذيابيطس جي باري ۾ بنيادي آگاهي ۽ بنيادي سهوليتون ميسر ناهن. 1989 ۾ ذيابيطس کي صحت عامه جو وڌندڙ بين الاقوامي مسئلو قرار ڏنو ويو ۽ ورلڊ هيلٿ اسيمبلي اتفاق راءِ سان هڪ قرارداد پاس ڪري، ميمبر ملڪن تي زور ڀريو ته هو ذيابيطس جي

> صحت واري عالمي اداري (W.H.O) جي لڳايل هڪ اندازي مطابق شگر جي بيماري ڪروڙين انسانن کي متاثر ڪري ٿي، پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته انهن جي اڪثريت کي ذيابيطس جي باري ۾ بنيادي آگاهي ۽ بنيادي سهوليتون ميسر ناهن. 1989 ۾ ذيابيطس کي صحت عام جو وڌندڙ بين الاقوامي مسئلو قرار ڏنو ويو ۽ ورلڊ هيلٿ اسيمبلي اتفاق راءِ سان هڪ قرارداد پاس ڪري، ميمبر ملڪن تي زور ڀريو ته هو ذيابيطس جي قومي اهميت جو ڪاٿو ڪن ۽ ان کي اجاگر ڪندي ان کي حل ڪرڻ جي پرزور ڪوشش ڪن

### پروفيسر ڊاڪٽر صالح ميمڻ سان ڳالهه ٻولهه

# ذيابيطس کان ڪيئن بچجي

گفتگو:- ڊاڪٽر ثناءُ الله ڪڪر - صادق ٻڙدي - امان الله نول



پروفيسر ڊاڪٽر صالح ميمڻ جو نالو سنڌ جي ڪنهن ٻه ماڻهو کان ڳجهو نه آهي. سنڌي لوڪ ادب جي مشهور ڪردارن واري ماڳ ٺٽ جي مشهور شهر ڏيپلي ۾ سال 1926ع ۾ جنم ورتائون ۽ پنهنجي پرائمري تعليم اتان ئي حاصل ڪيائون. ان ڪانپوءِ ڪڏهن پنڌ ته ڪڏهن اٺن جو سفر ڪري (تنهن زماني ۾) اچي ميرپور خاص جي سنڌ مدرسه هاءِ اسڪول مان 1943 ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون. وري ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان 1943 ۾ انٽر ڪرڻ ڪانپوءِ ايم. بي، بي. ايس جي تعليم لاءِ بمبئي جو رخ اختيار ڪيائون جتان 2 سال علم پرائڻ بعد برصغير جي ورهاڱي ڪري واپس ڪراچي وريا ۽ باقي 3 سال ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪري ايم. بي، بي. ايس جي سند حاصل ڪيائون. ان ڪانپوءِ ڪجهه وقت حيدرآباد، ڪراچي ۽ جيڪب آباد ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽري جي اعليٰ تعليم لاءِ ملڪ کان ٻاهر هليا ويا جتان لنڊن، ايڊنبره ۽ گلاسڪو مان ايم. آر. سي. پي ۽ ايف. آر. سي. پي جون سال 1954 کان 1957 تائين ڊگريون حاصل ڪيائون. 1969 ۾ جڏهن ڪاليج آف فزيشنس ۽ سرجنس پاڪستان جو بنياد پيو ته پاڻ انجا فائونڊر ميمبر هئا ۽ اتان ٻه ڪين ايف. سي. پي. ايس جي اعزازي سند ڏني وئي.

تعليمي ماهر جي حيثيت سان پنهنجي زندگي جو آغاز لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان سال 1957 ۾ شروع ڪيائون ۽ اتي ئي ترقي حاصل ڪري پروفيسر آف ميڊيسن جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيائون. سال 1972ع ۾ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ڏانهن بدلي ڪيا ويا. جتي ميڊيسن جي سينيئر پروفيسر جي حيثيت سان خدمتون سر انجام ڏنائون. ان وچ ۾ سال 1978 کان 1980 تائين ۽ سال 1984 کان 1986 تائين صحت کاتي جا سيڪريٽري مقرر ڪيا ويا ۽ آخر ۾ سال 1986 ۾ سرڪاري نوڪري تان رٽائر ٿيا. اڄ ڪلهه پي، آءِ، اي ميڊيڪل سينٽر ۽ آغا خان يونيورسٽي اسپتال ۾ ڪنسلٽنٽ فزيشن جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا آهن ۽ شام جو الحست سينٽر شهيد رفيقي روڊ (نزد جناح اسپتال) تي ذاتي طور ماڻهن کي صحت جا مشورا ڏيندا آهن. سٺي ڊاڪٽر ۽ سٺي استاد هجڻ سان گڏوگڏ پاڻ سنڌي زبان جا سٺا اديب به پڻ آهن. سندن ڪتاب "مونجهارن ۾ قاتل هڪ انسان" ان ڳالهه جو چٽو دليل آهي.

ذيابيطس جي بيمارين تي ڊاڪٽر صاحب کي پراڻي دؤر کان ئي عبور حاصل آهي انڪري ويچ جي ذيابيطس نمبر لاءِ اسان سندن انٽرويو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اميد ته پڙهندڙ ان مان سٺو لاڀ پائيندا.

——— ادارو

ڊاڪٽر صالح صاحب:- سڀني تي اڄ ڪلهه ڪافي بحث هلي پيو پر اڄا تائين جيڪي ڳالهيون سامهون آيون آهن انهن جو ڪو سائنسي بنياد ڪونهي باقي انجي تشريح هن ريت ڪري سگهجي ٿي، جيئن اڳي اسانجي آبادي جي گهڻائي ڳوٺن ۾ آباد هئي ۽ هاڻي اهي ماڻهو شهرن ۾ لڏپلاڻ ڪري آيا آهن. ڳوٺن ۾ اهي ماڻهو ڪم ڪار گهڻو ڪندا هئا، انڪري ڪئلريز يا طاقت استعمال ٿيندي هئي ۽ هاڻي شهرن ۾ سندن زندگي بدلجي وئي آهي. جسماني ڪم ڪار ڪونه ٿا ڪن. ها البت ڪاڌو ساڳيو ڳوٺاڻو آهي. وري شهري زندگي ۾ Stress يا ذهني دٻاءُ وڌي ويا آهن جيڪي، ڳوٺن ۾ نه هئا. مطلب ته ڳوٺاڻي زندگي ۾ جيڪا عام اٿي ويهڻي هوندي هئي، ماڻهو ميلن جا ميل پنڌ ڪندا هئا، اها شهرن ۾ نه رهي آهي ذري ذري تي ٽرانسپورٽ جو سهارو ۽ سڄو ڏينهن ويهڪ وارو ڪم. باقي ڪاڌي ڪائڻ جا ساڳيا شينهن، انهن سڀني جي ڪري ذيابيطس جو تعداد وڌي ويو آهي.

امان الله:- سائين انهن سيني شين جو ڪو حل؟.

ڊاڪٽر صالح صاحب:- ادا حل اهو آهي ته شهري زندگي ۾ ڪاڌي جو احتياط ته ڪري سگهجي ٿو. ٿورو گهڻو جسماني ڪم ڪار ڪجي. مطلب ته جيترو ٿي سگهي اوترو ڪئلريز گهٽائجن.

امان الله:- سائين ذيابيطس جي مريضن جي ڪاڌي پيتي تي ڪجهه روشني وجهو.؟

ڊاڪٽر صالح صاحب:- ذيابيطس جي مريضن لاءِ جنرل ڊائيٽ انسٽرڪشن (ڪاڌي جا عام مشورا) ٿين ٿيون. اڳي ڪنهن زماني ۾ مريضن کي ڪئلريز ڳڻي ڪارائيندا هئاسين پر هاڻي اها ڳالهه ڪجهه مٽجي وئي آهي هاڻي بيلنس ڊائيٽ (متوازن غذا) ڪائڻ جي صلاح ڏيندا آهيون. اڳي اهو چوندا هئا ته ڪنڊ ته نهيو پر ڪاربوهائڊريٽ (نشاستو) جنهن مان ڪنڊ ٺهي ٿي مثال چانور، پٽاٽا وغيره سي به بنهه نه ڪائو پر هاڻي ٿوري مقدار ۾ ڪاربو هائڊريٽ (نشانستو) ڪائڻ جي اجازت هوندي آهي پر سٿپ (فيٽ) ڪائڻ ڪان پرهيز ڪرڻ ضروري آهي. چو ته ذيابيطس جي ڊگهي عرصي واريون پيچيد گيون خالي خون ۾ ڪنڊ جي مقدار وڌڻ ڪري ڪونه ٿيون ٿين پر اهي ڪوليسٽرال ميٽا بولزم ۽ فيٽ ميٽا بولزم جي ڪري ٿين ٿيون خاص ڪري خون جي نلين ۾-Macro and micro vesseles complications ٿين ٿيون. تنهنڪري ڪاڌي ۾ احتياط ضروري آهي. مٺي شيءِ ته بالڪل ناهي ڪاٽڻي ڪنڊ ته ذيابيطس جي مريضن لاءِ نج زهر آهي باقي ڪنڊ مان ٺهيل شيون به ساڳئي معنيٰ رکن ٿيون. ڪوڪا ڪولا هجي يا ڪنڊ واري چانهه. مٺايون هجن يا بيڪري واريون شيون، اهي سڀ هاڃيڪار ٿي سگهن ٿيون.

ڊاڪٽر ثنا الله:- سبزين جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟.

ڊاڪٽر صالح صاحب:- سبزيون پلي ڪائجن. وڌيڪ بهتر آهن، خاص ڪري ساڻي پن واريون، سبزيون ڀينڊي، توري، واڱڻ، ڪدو وغيره، جن سبزين ۾ تاندورا (Fibre) وڌيڪ آهن اهي وڌيڪ ڪائجن ته بهتر!



ڊاڪٽر ثنا الله:- سائين زير زمين سبزين مثال گجر، موري، پٽاٽا، گوگڙو وغيره ڪائي سگهجن ٿا يا نه؟.

ڊاڪٽر صالح صاحب:- بالڪل! پر مناسب مقدار ۾ توهان مريضن کي چوندا ته آلو پلي ڪائو ته هو خبر ناهي ڪيترا آلو ڪائي ويندا. مون توهان کي ٻڌايو ته ڪاربوهائڊريٽ (نشاستو) مناسب مقدار ۾ ڪائجن. ضرور آهي ته سبزي سان گڏ ڍڳڙ يا چپاتي به ڪائبي ڪڏهن چانور به چکبا پوءِ ائين ڪاربوهائڊريٽ جو مقدار وڌي ويندو. تنهن ڪري اهو فيصلو مريض کي ئي ڪرڻو آهي ته هو هر حال ۾ نشاستي جو مقدار مناسب رکي. مريض کي اگر سمجهائبو ته هي شي ٿوري ڪائو ته هو سڄي ڏينهن ٿوري ٿوري ڪري الاهي ڪيتري ڪائي ويندو ۽ ائين ڳالهه وڌي ويندي. جيئن گجرون آهن، گوگڙو آهن اهي گهٽ مقدار ۾ ڪائجن چو ته انهن جي ڪائڻ جي

اجازت جو سبب اهو نہ آهي تہ انهن ۾ گلوڪوز ڪونهي، پر اهي سبزيون پيٽ ۾ جلد هضم ڪونہ ٿيون ٿين. انڪري هڪ ئي وقت رت ۾ کنڊ جو مقدار ڪونہ ٿيون وڌائين. جيئن عام مٺي شي هڪدم وڌائي ٿي. اهي آهستي آهستي جذب ٿين ٿيون ۽ پوءِ گلوڪوز ۾ مٽجن ٿيون ۽ ائين خون ۾ کنڊ جو مقدار هڪدم گهڻو ڪونہ ٿو وڌي. انهي ڪري اهو چوندا آهيون تہ بيسڻ پلي ڪائجي، مڪائي پلي ڪائجي، ڀوسو (بران) پلي ڪائجي، انهن سڀني شين جو اهو فائدو آهي.

امان الله:- سائين فائيبر کهڙين شين مان وڌيڪ ملي ٿو ۽ انجو ڊيابيطس ۾ ڪردار کهڙو آهي.

ڊاڪٽر صالح صاحب:- مون ٻڌايو تہ سيئي پن واريون سبزيون ۽ ٻيون ڪچيون تازيون سبزيون جهڙوڪ توري، ڀينڊي، واڱڻ وغيره. فائيبر جو ڪردار اهو آهي تہ هضم گهٽ ٿئي ٿو ۽ ڦوڳ گهڻو بچي ٿو انڪري گلوڪوس جذب ڪونہ ٿيندو.



امان الله:- سائين سٿپ جو مقدار ڪيترو وٺي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر صالح صاحب:- جانورن جي سٿپ (Animal fat) تہ قطعاً نہ ڪائجي، اهو هر طرح سان نقصانڪار آهي. انڪي سڄي دنيا ۾ بند ڪيو ويو آهي. ڇو تہ انڪي ڪنٽرول ڪرڻ ڏکيو آهي. مان ان ڳالهہ جي تشريح ڪندو هلان تہ اسانجي ٻهراڙي جا ماڻهو چوندا آهن تہ گهہ طاقت واري شي آهي. مکڻ ۾ طاقت آهي. پراڻي وقت جا ماڻهو سچا گهہ ڪائيندا هئا. ڪين طاقت بہ سچي هوندي هئي پر ڪين ٻڌايون تہ بابا اهي ماڻهو گهہ، مکڻ ڪائي پنڌ بہ ميلن جا ميل ڪندا هئا سڄو سڄو ڏينهن هر هلائيندا هئا ۽ ڪم ڪار ڪي لڳا پيا هوندا هئا. ائين اهي سڀ ڪئلريز استعمال ٿي ويندي يون هيون، هاڻي جڏهن ڪير مکڻ ڪائي ڪار ۾ چڙهي وڃي آفيس ۾ ويهي ڪم ڪندو تہ اهي ڪئلريز استعمال ڪٿي ٿينديون. باقي سبزين وارو سٿپ (Vagetable fat) ڪجهہ استعمال ڪري سگهجي ٿو ڇو تہ ان ۾ ڪوليسٽرال جا جيڪي بہ قسم ٿيندا آهن هڪ L.D.L ۽ H.D.L تن مان L.D.L ڪوليسترال جيڪو وڌيڪ خطرناڪ آهي سو گهٽ آهي، باقي H.D.L وڌيڪ آهي ۽ اهو ايترو هاڃيڪار نہ آهي.

صادق:- سائين هلڪي ڦلڪي ۽ متوازن غذا سان جيڪڏهن ڪنهن جو پيٽ نہ ڀرجي ۽ بک گهڻي لڳي تہ پوءِ انجو گذارو ڪيئن ٿئي؟.

ڊاڪٽر صالح صاحب:- جيسيتائين پيٽ ڀرڻ جو مسئلو آهي تہ انلاءِ مون اڳ بہ ٻڌايو تہ فائيبر ڊائيٽ!، جيئن ڪيرو ٿيو، سلاد ٿيو اهڙي قسم جي کاڌن جي هضم ٿيڻ ۾ دير لڳي ٿي ۽ پيٽ ڀرجي وڃي ٿو. تنهنڪري ٻيا ڪاڌا ڇڏي اهي شيون کائڻ گهرجن تہ پيٽ بہ ڀريل رهندو ۽ کنڊ بہ ڪانہ وڌندي.

ڊاڪٽر ثنا الله:- ڊيابيطس جي مريض جي ڪاڌي جو انداز ڇا هئڻ گهرجي. منهنجو مطلب تہ هڪدم پيٽ ڀري ڪائي يا گهڙي گهڙي، ٿورو ٿورو ڪائي؟.

ڊاڪٽر صالح صاحب:- سائين هڪدم پيٽ ڀري نہ ڪائجي، ان سان شگر هڪدم وڌي ويندي. ٿورو ٿورو ڪائجي ۽ ڏينهن ۾ ڇهن دفعن کان وڌيڪ نہ ڪائجي. وڌيڪ مناسب ناهي.

ڊاڪٽر ثنا الله:- ڪير لاءِ توهانجو ڇا خيال آهي.

ڊاڪٽر صالح صاحب:- ڪير مناسب مقدار ۾ واپرائجي پر سٿپ بالڪل ڪڍي. مون اڳ ۾ ٻڌايو نہ تہ جانورن وارو سٿپ نقصان ڏئي ٿو. تنهنڪري ڪير ڪي بہ ڪاڙهي انجي مٿان ملائي بالڪل لاهي ڇڏجي.

ڊاڪٽر ثنا الله:- ٽائيپ I ڊيابيطس ۾ تہ انسولين ڏجي ٿي، پر ٽائيپ II يا ٻئي نموني واري ڊيابيطس ۾ سئين سڌي انسولين ڇو نہ ڏيندا آهن؟.

ڊاڪٽر صالح صاحب :- ٽائيپ II ڊيابيطس ۾ انسولين جي رليٽو ڊيفيشنسي (نسبتي کوٽ) هوندي آهي. صفا ختم نہ هوندي آهي البتا عام صحتمند ماڻهو جي ڀيٽ ۾ گهٽ هوندي آهي. يعني انسولين گهٽ مقدار ۾ پيدا ٿيندي آهي. جيڪا شگر کي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ ناڪافي هوندي آهي. عام طرح سان

**جيڪڏهن ڪير ڊاڪٽر سچو ڏينهن ڪمائي جي ڪڏ هوندو ته اهو پبلڪ هيلٿ لاءِ ڇو سوچيندو. پبلڪ هيلٿ لاءِ ڪم ڇو ڪندو. جيڪڏهن ڪير مريض ٺيندو ته وٽس ويندو نه! روڪٿام سان ته مريض گهٽجن ٿا.**

اسان هت ذڪر ڪري چڪا آهيون، اهي ٻڌائيندو آهيان ڪاڏي جو توازن رکڻ سمجهائيندو آهيان ته ڪنهن به صورت ۾ ڪئلريز نه وڌن. ڪير پڇندو آهي ته سائين چانور ڪائون ته چوندو آهيان. انگريزن جيان ڪائو" جو ته انگريز ڪائيندا هڪ يا اڌ پيالي اسان وٽ وري ڪائڻ جو مطلب ته ٿالهيون پيري ڪائي وڃو. تنهنڪري نشاستي واري ڪابه شي ڪائو ته ٿوري مقدار ۾ پيل ڪائو. اسانوٽ اها ڳالهه ڏاڍي مشڪل آهي ته ڪنهن به شيءِ جي اجازت ڏيو ته چوندا ڊاڪٽر موڪل ڏني آهي هاٿي دل کولي ڪائو. سو ائين نه ڪجي.

ڊاڪٽر ثنا الله:- سائين ذيابيطس بابت توهان ڪان ڪافي معلومات ملي مهرباني! هاڻي هڪ ٻه واڌارا سوال آهن پبلڪ هيلٿ تي، توهان ڊاڪٽر ۽ استاد هئڻ سان گڏوگڏ هيلٿ ايڊمنسٽريٽر به رهي چڪا آهيو. اڄ ڪلهه دنياروڪ ٿام (Prevention) ڏانهن وڌي رهي آهي. ڇا توهان اهو ٻڌائيندا ته اسانجي ملڪ ۾ جيڪي روڪٿام جا اپاءُ ورتا پيا وڃن سي ڪيتريقدر اطمينان بخش آهن؟ پوءِ اهي سرڪاري طرح هجن يا غير سرڪاري طرح!

ڊاڪٽر صالح صاحب:- منهنجي نظر۾ اسانوٽ روڪٿام جا اپاءُ ٻڙي(0) آهن. توهان پوئين هسٽري ڏسو ته ڪنهن زماني ۾ هتي صحت لاءِ ايڊمنسٽريشن ۾ ٻه پوسٽون هونديون هيون.

(١) ڊائريڪٽر پبلڪ هيلٿ

(٢) ڊائريڪٽر انسپيڪٽر جنرل آف هاسپيٽلس.

ٻه برانچون هونديون هيون، اهي ٻئي گڏ نه هونديون هيون، جيڪڏهن ڪير ڊاڪٽر سچو ڏينهن ڪمائي جي ڪڏ هوندو ته اهو پبلڪ هيلٿ لاءِ ڇو سوچيندو. پبلڪ هيلٿ لاءِ ڪم ڇو ڪندو. جيڪڏهن ڪير مريض ٺيندو ته وٽس ويندو نه! روڪٿام سان ته مريض گهٽجن ٿا. اسان جي بنيادي سوچ جيڪا آهي، ان اسان کي تباه ڪري ڇڏيو آهي. روڪٿام ٻڙي (0) پئي ٿي. علاج معالجي واري لائين تي هلندا رهياسين.

سڄي دنيا ۾ روڪٿام تي زور آهي ڇو ته بيماريون گهٽي قدر صحت جي اپائن سان رُڪڻ جوڳيون (Preventable) آهن. ٻارن ۾ پيدائشي ٽڪا- فئملي پلاننگ، ڪاڌو خوراڪ صاف سٿرو پاڻي. غير ضروري جيت جڻن کي ناس ڪرڻ، صفائي، اهي سڀ شيون بيمارين کي روڪي سگهن ٿيون. اهي ميڊيڪل پرابليم ڪونه آهن. توهان ٿورو پوئين زماني تي نظر ڊوڙايو جڏهن اسان وٽ ڊاڪٽر عاقباڻي صاحب ڊائريڪٽر پبلڪ هيلٿ هوندو هئو ته نه رڳو ويڪسينيٽر پر پبلڪ هيلٿ انجنيئر به ڊائريڪٽر پبلڪ هيلٿ جي ماتحت هوندا هئا. اها اسان جي بدقسمتي آهي ته ورهاڱي کان پوءِ اهي ٻئي پوسٽون گڏ ڪيون ويون ۽ هڪڙو ڊائريڪٽر هڪڙو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو جن جو ڪم ٿي آهي ڊاڪٽرن کي نوڪريون ڏيڻ ۽ ڊاڪٽرن کان ڪم وٺڻ- روڪٿام جي پاسي تي ڌيان ٻڙي (0) آهي.

**اها اسان جي بدقسمتي آهي ته ورهاڱي کان پوءِ اهي ٻئي پوسٽون گڏ ڪيون ويون ۽ هڪڙو ڊائريڪٽر هڪڙو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو جن جو ڪم ٿي آهي ڊاڪٽرن کي نوڪريون ڏيڻ ۽ ڊاڪٽرن کان ڪم وٺڻ.**

ڊاڪٽر ثناءُ الله:- انهن جي سڌاري لاءِ توهان کي پنهنجا رايا ڏيو.

ڊاڪٽر صالح صاحب:- ان تي رايو ڪوبه ڪونه ٿو ڏئي سگهان ڇو ته ان ۾ جيستائين

بيمارين جي روڪٿام ٿيندي ٿيندي رهجي وڃي ٿي. مليريا جو مثال وٺو اها ختم ٿيندي ٿيندي وري آئي. پاڻي جا ڍبا بند ٿيڻ لڳا، اسپري ٿيا، مڇرن جو خاتمو اچڻ لڳو، وري اهو پروگرام اڌ ۾ رهجي ويو ته مليريا موٽي آئي.

انتظاميه پنهنجون ڪوششون نه وٺندي ۽ اهڙا ورڪر پيدا نه ڪندي جيڪي بنا ڪنهن لالچ جي ڪم ڪن تيستائين اهو مسئلو حل ڪونه ٿيندو. جو ته پبلڪ هيلٿ ۾ ڪا ڪمائي ته ڪونهي نه-ڪي پئسا ته ڪونه آهن. پئسا ته آهن علاج معالجي واري صحت ۾. مان صاف صاف چوان ٿو ته پبلڪ هيلٿ واسطي موٽيويشن (هل چل) ڪيي جنهن وسيلي ماڻهن ۾ صحت جي سجاڳي آڻجي، پوءِ تنظيم ڪيي جيڪا سرڪار پاران هجي. باقي پبلڪ هيلٿ جا اصول نهيا پيا آهن ڪي نوان ڪونهن ناهٺا. مثال طور پاڻي صاف ڪونه ملندو، جيوڙن وارو هوندو ته ان سان بيماريون ڪونه ڇڏينديون. هاڻي ان ڪي صاف ڪير ڪري، اهو ته سرڪاري مسئلو آهي نه ته ماڻهن کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ملي.

بيمارين جي روڪٿام ٿيندي ٿيندي رهجي وڃي ٿي. مليريا جو مثال وٺو اها ختم ٿيندي ٿيندي وري آئي. پاڻي جا ڍبا بند ٿيڻ لڳا، اسپري ٿيا، مڇرن جو خاتمو اچڻ لڳو، وري اهو پروگرام اڌ ۾ رهجي ويو ته مليريا موٽي آئي.

ماتا (Small Pox) تي محنت ٿي مڪمل اميونائيزيشين ٿي ته دنيا مان ان جو نالو مٽجي ويو. پاڪستان به ان ڪان آجو ٿي ويو. اسان کي ياد آهي ته سمال پاڪس جا ٽڪن هڻن وارا اٺن تي چڙهي ڳوٺن ۾ پهچندا هئا، ڳوٺن ۾ برف ڪونه هوندي هئي ته برف جا ڇبا پري پوءِ ٿرماس ۾ ٽڪا وجهي اتي پهچائيندا هئا جيئن ٽڪا پهچندا هئا ته هڻڻ وارو ڪم ڪي لڳي ويندو هئو. مطلب ته محنت ۽ جدوجهد سان ڪم ٿيندو هئو اهو سڀ ڪجهه تنظيم ۽ جذبي ڪانسواءِ هن دؤر ۾ ڏکيو آهي.

**ڊاڪٽر ثناءُ الله:-** ڪجهه مهينا اڳ ۾ اخبار ۾ پڙهيو هئوسين ته ٿر ۾ هڪ بيماري ٿي آهي جنهن ۾ رت جون الٽيون اچن پيون ۽ ماڻهو مري وڃن پيا. اهڙين بيمارين تي ڪجهه ڳالهايو.

**ڊاڪٽر صالح صاحب:-** ادا رڳو ٿر ۾ جو هر جاءِ تي ٿيو آهي اهو گهٽي پاڳي گيسٽرو انٽرائيٽس (معدي ۽ آنڊن جي سوڄ واري بيماري) آهي. يا وري پهاڙي علائقن تي هيمريجڪ فيور هوندو آهي، ان ۾ خون اچڻ شروع ٿي ويندو آهي. اهو وائرس جي ڪري هوندو آهي. پر اڪثر بيماريون ڪاڌي ۽ پاڻي جي خرابين ڪري ٿين ٿيون.

**ڊاڪٽر ثناءُ الله:-** سائين انهن بيمارين تي ڪا تحقيق وغيره چونه ٿي ڪئي وڃي؟

**ڊاڪٽر صالح صاحب:-** 1958ع ۾ جڏهن مارشلا لڳي هئي ته اسان به هتي هئاسين. برڪي صاحب وارا آيا هئا، نئون نئون جوش هئو، لياري واري پاسي ڏي ڪجهه تحقيق ٿي هئي ته اهي گيسٽرو انٽرائيٽس گندي پاڻي ۽ خراب ڪاڌي سبب ٿين پيا. ڪاڌي پيتي ۽ پاڻي کي صاف ڪبو ته بيماريون گهٽجي وينديون. هونءَ به پيٽ جي گهٽين بيمارين جو جيڪي اهڙي قسم جون آهن تن جو علاج اڄ ڪلهه دنيا ۾ ڳولهي لڌو اٿئون، اهو آهي ته جسم ۾ پاڻي جي گهٽتائي نه ٿيڻ گهرجي يعني O.R.S جو استعمال. انهي سڄي دنيا کي لوڏي ڇڏيو آهي. دوا ساز ڪمپنيون جيڪي اڳي اهڙي قسم جون دوايون هتي وڪڻنديون هيون، سي به هاڻي سوڙهيون ٿيڻ لڳيون آهن، ماڻهن کي جسم مان پاڻي جي کوٽ (Dehydration) کان بچائجي، گهٽيون بيماريون پاڻ مراديون ٺيڪ ٿيڻ جوڳيون آهن. پاڻي جي کوٽ نه ٿئي باقي بيمارين تي ڪنٽرول ٿي ويندو.

❄❄❄

# ذيابيطس جا قسم

## ذيابيطس جا گهڻائي قسم آهن، پر مکيه ٻه آهن

ڊاڪٽر محمد زمان شيخ — اسسٽنٽ پروفيسر آف ميڊيسن سول اسپتال / ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي

**١) ٽائپ هڪ يا پهرين نموني واري ذيابيطس** (TYPE-I Diabetes) هن کي انسولين تي دارو مدار رکندڙ يا (I.D.D.M) به سڏيو ويندو آهي يعني اهو قسم جنهن جو علاج کاڌي جي پرهيز سان گڏ صرف انسولن آهي هن قسم جو بنيادي ڪارڻ انسولن جي لبلبي مان گهٽ پيداوار آهي. هن قسم ۾ لبلبي جا "بيٽا" جيو گهرڙا جيڪي انسولن پيدا ڪن ٿا، سي تباهه ٿي ويندا آهن اهي دراصل پنهنجي ئي جسم جي غلط دفاعي حڪمت عملي جو شڪار ٿين ٿا، جيڪا انساني دشمن مثلاً جراثيم، وائرس جي جاءِ تي پنهنجي جسم جي جزن تي حملو ڪرڻ شروع ڪري ڏئي ٿي. ان عمل کي آٽو اميون ريئڪشن (AUTO IMMUNE REACTION) چيو وڃي ٿو.

گهڻو ڪري هي مريض 40 سالن جي ڄمار کان گهٽ ٿيندا آهن ۽ صرف چند ڏينهن يا وڌ ۾ وڌ چند هفتن ۾ ئي هن بيماريءَ جي شدت ظاهر ٿيو پوي ۽ ان بيماريءَ جي شدت سبب مريض ڪڏهن ڪڏهن بيهوشيءَ جي عالم ۾ اسپتال ۾ داخل ٿيندو آهي جتي پهريون ڀيرو ان بيماريءَ جو پتو پوندو آهي. مريض جو وزن گهٽ ٿي ويندو آهي، پر گهڻو ڪري هي مريض سنهڙا هوندا آهن. انهن جي پيشاب ۾ ڪيٽون (KETONES) جلد ظاهر ٿي پوندا آهن، جنهن جو مطلب هي هوندو آهي ته انسولن جي تمام گهٽي ڪوٽ ڪري نشاستي جي جاءِ تي سٿي ٻرڻ شروع ڪيو آهي چوته جسم کي گهربل توانائي ته هر حال ۾ حاصل ڪرڻي هوندي آهي، پر ان غلط قسم جي توانائي سبب مريض بيهوشيءَ جي حالت (COMA) ۾ پهچي ويندا آهن، جنهن جو ترت علاج نه ڪرڻ سان مورڳو حياتي کي خطرو لاحق ٿي پوندو آهي.

**(٢) ٽائپ "ٻه" يا ٻئي نموني واري ذيابيطس** (TYPE-II Diabetes):-

ذيابيطس جي مريضن جي گهڻائي هن قسم سان تعلق رکي ٿي ۽ هڪ اندازي موجب اٽڪل 80 سيڪڙو مريضن کي ٻئي نموني واري يا ٽائيپII ذيابيطس هوندي آهي. هن قسم جي ذيابيطس گهڻو ڪري انسولين جي عمل جي روڪ (RESISTANCE) سبب ٿيندي آهي، يعني بدن ۾ انسولن جو مقدار ته نارمل هوندو آهي بلڪه ڪن حالتن ۾ ته ويتر وڌيڪ هوندو آهي، پر اها انسولن مختلف سببن ڪري بي اثر هوندي آهي ۽ جسم جي اها حالت هوندي آهي ته جيئن انسولن جسم ۾ آهي ئي ڪونه. نتيجي طور رت مان گلوڪوز مڙني جيو گهرڙن يا PERIPHERAL TISSUES ۾ داخل ٿي نه سگهندو آهي ۽ رت ۾ ان جو مقدار ويندو آهي وڌندو.

هي گهڻو ڪري خانداني مرض آهي، مريض 40 سالن کان وڏي ڄمار وارا ٿين ٿا ۽ عام طرح سان ٿلها ٿين ٿا. ٿولهه گهڻو ڪري ڳجهي ذيابيطس کي ظاهر ڪري ٿي يا وري نئين سري سان ذيابيطس پيدا ڪري ٿي. جيئن ته غذا ضرورت کان وڌيڪ کائڻ سان هن جو گهرو تعلق آهي، ان لاءِ هن قسم جي ذيابيطس جي علاج جو بنيادي مقصد کاڌي جي پرهيز هوندو آهي. اگر ان سان به شگر قابو ۾ نه اچي ته پوءِ مختلف قسم جون گوريون ڏنيون آهن جي لبلبي منجهان انسولين کي اٿين چڪي

● جيئن جيئن ڪو شخص پوڙهو ٿيندو وڃي ٿو.

● جڏهن ڪو شخص ٿلهو ٿي وڃي ٿو.

ساڳئي وقت اهو به محسوس ڪيو ويو آهي ته جيئن جيئن اسان جي خاص ڪري شهري آدمشماريءَ جو وڏو انگ پوڙهو ٿيندو وڃي ٿو ٿيئن ٿيئن اهي وڌيڪ ٿلها به ٿيندا وڃن ٿا (شايد ته خوشحاليءَ سبب) تنهن ڪري اسان اهوئي سمجهون ٿا ته اهڙن سيني ملڪن جا ماڻهو ذيابيطس جو به وڌيڪ شڪار ٿيندا ويندا. ان لحاظ کان اها ڳالهه به خاص اهميت رکي ٿي ته، هڪ اهڙو شخص جنهن کي ذيابيطس ٿيڻ جو وڌيڪ خدشو رهي ٿو (مثال طور اهي انڊينس جيڪي ٿلها آهن ۽ انهن جا والدين ذيابيطس جي مرض جو شڪار آهن) تنهن کي اهو ضرور محسوس ڪرڻ گهرجي ته ڪيس ذيابيطس ٿيڻ جا تمام گهڻا امڪان موجود آهن جنهنڪري ڪيس پنهنجي صحت لاءِ وڌ ۾ وڌ خيال رکڻ گهرجي.

**ذيابيطس جو مرض تڏهن پيدا ٿي پوي ٿو جڏهن لبلبو مناسب مقدار ۾ انسولن مهيا ڪري نٿو سگهي يا جڏهن جسم جا سيل، انسولين سان صحيح نموني نهڪي نٿا سگهن.**

## ڇا ذيابيطس جا به ڪي قسم آهن؟

طبيبن ذيابيطس جي مرض جي ٻن قسمن ۾ ورڇ ڪئي جنهن کي هو سوليءَ طرح سان هيئن بيان ڪن ٿا ته: ذيابيطس جو قسم نمبر ۱ ۽ قسم نمبر ۲. ائين ذيابيطس جو ڪو به مريض، انهن ٻنهي قسمن مان ڪنهن هڪ جو شڪار ٿيل هوندو آهي.

ذيابيطس جي پهرين قسم جو شڪار ڪو به صحتمند ماڻهو عمر جي ڪنهن به حصي ۾ ٿي سگهي ٿو. جنهن ۾ ٻار به اچي وڃن ٿا. هن قسم جي ذيابيطس جا شڪار ٿيندڙ، اهي فرد هوندا آهن جيڪي آٽو اميون (Auto im-mune) روڳ جو شڪار ٿي پوندا آهن جنهن ۾ ڪن اڻ ڄاتايل سببن ڪري، لبلبي جا بيٽا سيل اوچتو تباهه ٿي وڃن ٿا. اهڙن مريضن جي حالت اوچتو بنا ڪنهن نشانين ظاهر ڪرڻ جي، سخت گنڀير ٿي ويندي آهي جڏهن ته ڪي وري ڪجهه وقت ناچاڪائي محسوس ڪرڻ کان پوءِ غش ٿي ويندا آهن. اهڙن مريضن کي جڏهن ترت اسپتال پهچايو وڃي ته هو ڪجهه ڏينهن انسولن جي علاج ڪرڻ کان پوءِ نوبنا ٿي واپس گهر هليا ويندا آهن. اڳتي لاءِ اهڙن سيني مريضن کي، تا حياتي، هرروز انسولين جي سئي لڳرائڻي پوندي آهي. جيئن ته ذيابيطس جي پهرين قسم جو شڪار ٿيندڙ، سدائين لاءِ انسولن تي مدار رکندڙ ٿي پون ٿا، ان سبب ذيابيطس جي هن قسم کي انسولين ڊپينڊنٽ ڊائبيٽس ميلائيٽس (Insulin Dependent Diabetes Mel-litus) يا (IDDM) به سڏيو ويندو آهي.

خوش قسمتيءَ سان، يورپي ملڪن جي ڀيٽ ۾ اسان جي علائقن ۾، ذيابيطس جو هي قسم گهٽ ٿئي ٿو.

ذيابيطس جي ٻئي قسم کي نان-انسولين ڊپينڊنٽ ڊائبيٽس ميلائيٽس (Non-Insulin Dependent Diabetes Mellitus) يا (NIDDM) سڏيو ويندو آهي. ذيابيطس جو هي قسم پهرئين قسم کان گهڻو مختلف آهي ۽ عام طور تي وڏيءَ عمر جا ماڻهو هن قسم جو شڪار ٿي پوندا آهن. اهو به ممڪن هوندو آهي ته اهڙا مريض هيٺ ڏنل ڪنهن به هڪ قسم سان واسطو رکندڙ هجن.

● اهي مريض جن جا جسماني سيل، انسولن جي عام رواجي مقدار جي موٽ ناهن ڏيندا اهڙن مريضن کي "انسولن ريزسٽنٽ" سڏيو ويندو آهي ۽ اهي گهڻي ڀاڱي ٿلها هوندا آهن. اهي جڏهن معقول طريقي سان وزن گهٽائي ڇڏيندا آهن (اهڙن کاڌن جي چونڊ ڪرڻ سان) ته سندن حالت گهڻي بهتر ٿي ويندي آهي.

● اهي مريض جن جا بيٽا سيل ساڻا ٿي ۽ بيڪار ٿي ويل هوندا آهن جنهن سبب اهي عام رواجي حالتن دوران اهي انسولن جو رڳو ڪجهه مقدار پيدا ڪري سگهندا آهن. اهڙن ٿڪل ۽ وقت کان اڳي جهونو ٿي ويل سيلن کي زور ونرائڻ لاءِ جيڪڏهن، اهڙن مريضن کي اهڙيون گوريون کارايون وڃن ته اهي وري هڪ دفعو عام رواجي مقدار ۾ انسولن پيدا ڪرڻ لڳندا آهن. اهڙين دوائن کي اورل هائپوگلوئيسيمڪ ايجنٽ (Oral Hypoglycaemic Agents) يا (OHAs) سڏبو آهي جن جو مکيه ڪم بيٽا سيلن کي اثرائتو بڻائي سخت پورهيو ڪرائڻ هوندو آهي جنهن سبب اهي هڪ دفعو وري ڪجهه وقت لاءِ پنهنجيءَ ڪرت کي لڳي ويندا آهن.

● اهڙا مريض جيڪي او ايچ اي جا وڏا وڏا وزن وٺڻ ڪان پوءِ بہ ايتري انسولن پيدا ڪري نہ سگهن جو اهي صحتمند رهي سگهن تہ پوءِ اهڙن مريضن کي انسولين جون سيون هنيون وينديون آهن تہ جيئن هو صحتمند زندگي گذاري سگهن. (پوءِ ڀلي تہ اهڙا مريض زنده رهڻ لاءِ انهن تي مدار رکندڙ نہ بہ هجن جيئن آءِ ڊي ڊي ايم مريض سان ٿئي ٿو). اهڙن مريضن کي "انسولن رڪوائرنگ" يا انسولن جا گهرجائو بہ سڏيو ويندو آهي.

اسان واري علائقي ۾ ذيابيطس جي ٻئي قسم جا مريض وڌ ۾ وڌ موجود آهن.

ذيابيطس جي پهرين قسم جا مريض عام طور تي سخت بيمار ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ گهڻن کي تہ اسپتال داخل ڪرڻ ۽ هنگامي طور تي زندگي بچائڻ لاءِ اهڙيون دوائون بہ ڏنيون وينديون آهن. اهڙي عرصي دوران، ڊاڪٽر تمام احتياط سان اهو ڏسندا آهن تہ، اهڙي فرد کي هرروز انسولن جي ڪيتري مقدار جي گهرج آهي ۽ پوءِ اهڙي ڳالهہ مريضن کي سمجهائيندا آهن تہ هو هرروز اهڙي دوا ڪيئن ڪتب آڻي. اهڙو مريض اسپتال ڇڏڻ ڪان پوءِ، هر روز پاڻ کي انسولن جي هڪ سئي ائين سڄي عمر تائين هڻندو رهندو آهي. پر جيڪڏهن هو ائين ڪري نہ سگهي تہ، تمام ترت، هڪ ٻن ڏينهن اندر زندگيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ ڦاسي پوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو ذيابيطس جي پهرين قسم جا شڪار مريض، انسولن تي ڀاڙيندڙ هوندا آهن. اهڙن مريضن لاءِ ذيابيطس جون گوريون (اورل هائيپوگلائيسمڪ ) بنهہ بي اثر هونديون آهن.

ذيابيطس جي پهرين قسم جي ڀيٽ ۾، ٻئي قسم جا مريض جڏهن پهريائين ڏٺا وڃن تہ اهي ايترا بيمار نظر نہ ايندا آهن. جڏهن تہ اها هڪ حقيقت آهي تہ، اهڙن مريضن جي جاچ اتفاقاً ٿي پوندي آهي جڏهن هو پيشاب جي تپاس ڪرائيندا آهن. اهڙن مريضن جي ذيابيطس کي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ ڊاڪٽر ڏاڪي بہ ڏاڪي علاج ڪندا آهن.

**ڪاڌي جي مناسب چونڊ ۽ وزن گهٽائڻ:**

اهڙا گهڻا ذيابيطس جا مريض جڏهن پنهنجو وزن گهٽائي ڇڏيندا ۽ ڪاڌو بہ معقول قسمن جو کائيندا آهن تڏهن نہ رڳو سندن رت جي کنڊ ۾ سڌارو ايندو آهي پر اها عام رواجي مقدار تائين بہ پهچي ويندي آهي. ائين هو جيستائين پنهنجي وزن کي ضابطي ۾ رکندا ۽ متوازن ڪاڌو (ٿورڙو ڪاڌو وَر وَر ڪري کائڻ) بہ کائيندا رهندا آهن تيستائين کين دوائن کائڻ جي گهرج محسوس ناهي ٿيندي. انلاءِ اهو بہ هڪ اصول آهي تہ، انسولن جي گهٽ پيداوار کي مناسب طرح استعمال لاءِ اهڙا ڪاڌا کائي ڏسجن جيڪي وڌ ۾ وڌ مؤثر ۽ فائديمند ثابت ٿيندا هجن ۽ پوءِ رڳو انهن مٿا ئي مدار رکڻ گهرجي جو ائين ڪرڻ سان، پوڙهي تي ويل لبلبي غدود کي بہ سهائتا ملي ٿي.

**هڪ اهڙو فرد جنهن کي ذيابيطس جي شڪار ٿيڻ جو گهڻو امڪان رهي ٿو، تنهن کي ڪوشش ڪري پنهنجيءَ صحت جو وڌ ۾ وڌ خيال رکڻ گهرجي.**

**او ايچ اي يا رت ۾ کنڊ گهٽائيندڙ دوايون**

اهڙين حالتن ۾ جڏهن ڪاڌي ۽ وزن گهٽائڻ سان بہ ڪو خاص فرق پئجي نہ سگهي تہ پوءِ ڊاڪٽر اهڙيون گوريون (OHA) بہ تجويز ڪري سگهندو آهي. جيئن تہ اهڙين گورين جا بہ ڪيترائي قسم آهن پر تنهن هوندي بہ انهن کي ٻن مکيہ قسمن ۾ ورهايو ويو آهي جيڪي آهن سلفونائيليورياس (Sulphonylureas) ۽ بائيگيونائيڊس (Biguanides). شروعات ۾ گهڻي ڀاڱي ڊاڪٽر سلفونائيليورياس تجويز ڪندا آهن چوتہ هن جي ڀيٽ ۾ بائيگيونائيڊس نسبتاً گهٽ مؤثر ۽ وڌيڪ اڻ وڻندڙ اثر رکن ٿيون. هن قسم جي ڪيترين نين او ايچ اي گورين لاءِ اهو بہ چيو ويندو آهي تہ اهي رت جي گلوڪوس جي ليول گهٽائڻ ڪان سواءِ رت جي چربي (Lipid) يا ننڍڙن رت نلين (Blood Vessels) تي بہ فائديمند اثر ڪن ٿيون. بهرحال ان مان ڪهڙي قسم جي گوري ڊاڪٽر تجويز ڪري ٿو اهو سندس تجربي تي مدار رکندڙ هوندو آهي.

**ڪنهن ٻنهي قسم جي او ايچ اي جي چونڊ ڪرڻ :**

جڏهن ڪنهن پهرين قسم جي گوريءَ جو وڌ ۾ وڌ وزن ڏيڻ ڪان پوءِ بہ ان جا خاطر خواهہ اثر پيدا نہ ٿيندا آهن، تڏهن هنگروپ مان جي ڪنهن ٻئي قسم جي گوريءَ جي چونڊ ڪئي ويندي آهي. ڪيترن ماڻهن جو اهو بہ ويساهہ آهي تہ، هڪ قسم جي سلفانائيليوريا ڏيڻ ڪان پوءِ انجو ڪو ٻيو قسم ڏيڻ هڪ اجائي ڳالهہ هوندي آهي. جڏهن تہ اهو بہ ممڪن هوندو

آهي ته او ايچ اي جي ٻئي قسم طور بائيگوئانائيڊ ڏني ويندي هجي.

## انسولن جو واڌو مقدار ڏيڻ:

جڏهن کاڌي جي مٿا سٽا، وزن گهٽائڻ ۽ سلفانائيليوريا يا بائيگوئانائيڊ گورين سان به ڪو خاص فرق نه پوندو هجي، تڏهن ممڪن هوندو آهي ته ڊاڪٽر، سين رستي انسولن جو واڌو مقدار جسم ۾ هڻي. بدقسمتي سان اسان جا ڪيترا ڊاڪٽر آخري علاج طور سئي هڻڻ کان ان ڪري به لهرائيندا آهن جو ائين ڪرڻ سان ممڪن هوندو آهي ته اهڙو مريض وٺائڻ هليو وڃي ۽ ڪنهن اهڙي ڊاڪٽر کان علاج ڪرائي جيڪو ڪين سئي لاءِ زور نه ڀريندو هجي، ڇوته اهڙا مريض سئي هڻائڻ کان وٺون ويندا آهن.

جڏهن ته اصل حقيقت هيءَ به آهي ته، سٺين جي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ايڏو ته انقلاب اچي ويو آهي جو هاڻ، اهڙيون به سيون موجود آهن جن جي هڻڻ سان بنهه سور جو احساس ناهي ٿيندو. گهڻا مريض جڏهن انسولن جي سئي هڻائڻ شروع ڪندا آهن ته هو اڳي کان وڌيڪ سگهه ۽ شڪتي محسوس ڪندا آهن جنهن جو سبب اهوئي هوندو آهي ته سندن جسم جي سيلن کي اهو ٻارڻ ملندو رهي ٿو جنهن کان هو اڳي وانجهيل پئي رهندا آيا آهن. مون کي اها به ڳالهه ياد آهي ته، اهڙن ڪن مريضن مون کي دپ به پئي هڻي ته مان ڪين گهڻو وقت اڳ انسولن جي سئي هڻڻ ڇونه شروع ڪئي هئي جنهن تي مون ڪين ياد ڏياريو هو ته، ڪين جڏهن ان وقت به سئي لاءِ چيو هوم ته هو، اُن لاءِ دليون هٽي رهيا هيا.

## ذيابيطس جا مريض ڪهڙن مسئلن جو شڪار ٿي سگهن ٿا.

ذيابيطس جا مريض جن پيچيدگين جو شڪار ٿين ٿا، اهي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿيون:

## زندگيءَ کي خطرو ۽ گهٽ مدي واريون پيچيدگيون

رت ۾ تمام گهڻي حد تائين کنڊ وڌڻ جون نشانيون




اهو به ممڪن هوندو آهي ته ذيابيطس جو ڪو مريض اوچتو سخت بيمار ٿي پوي ۽ هو ان جون مڙيوئي ڪي نشانيون ظاهر ڪندو هجي. پر جيڪڏهن مريض کي صحيح طرح سان سنڀاليو وڃي تڏهن اهڙيون گنڀير حالتون پيدا ٿي ناهن سگهنديون. هوند هو ڪيٽوائسيڊوسس (Ketoacidosis) يا هائيپوگلائيسيميا (Hypoglycaemia) جو شڪار ٿي سگهي ٿو.

اهڙين حالتن ۾ جڏهن ذيابيطس جي مريضن جي جسم ۾ ايتري انسولن موجود نه رهي هجي جو اها سندس جسم کي ٻارڻ مهيا ڪري سگهي پوءِ چاهي اها حالت او ايچ اي جي بي قاعدگيءَ سان واپرائڻ سبب ٿي هجي يا هو انسولن جي سٺين کي نظر انداز ڪندو رهيو هجي ته اهڙين حالتن ۾ سندس جسم جا سيل ٻارڻ جي نعم البدل لاءِ واجهائيندا آهن جيڪو جسم لاءِ نامناسب ۽ ناموزون هوندو آهي. جنهن لاءِ جسم جا سيل وڏ ۾ وڏ حد تائين چربيءَ ۽ شڪتي جي اهڙن ٻين ٻنڊارن جو ڀرپور استعمال ڪرڻ لڳندا آهن اهو آهي چربي جي مادن جي پيچ ڊاهه ڪرڻ (ڪيٽونس) ۽ رت جي تيزابن جو ڊانوان ڊول ٿيڻ. انهيءَ ٿي سبب ڪري هي اصطلاح "ڊائبٽڪ ڪيٽوائسيڊوسس" وجود ۾ آيو آهي، جيڪڏهن اها حالت قائم رهندي آهي ته جسم جو ميٽابوليزم ايترو ته بگڙجي ويندو آهي جو اهڙو مريض اوچتو غش ٿي وڃي ٿو. پوءِ جيتوڻيڪ اهڙن مريضن کي اسپتال به پهچايو ويندو آهي پر تنهن هوندي به انهن جو ڪجهه تعداد موت جو شڪار ٿي وڃي ٿو.

ساڳئي طرح سان جيڪڏهن انسولن يا گورين جو بي قاعدگيءَ سان استعمال ڪبو رهبو ته ان سبب هائيپوگلائيسيميا جي حالت به پيدا ٿي سگهي ٿي جنهن سبب ٻڻ رت ۾ گلوڪوس جو گهٽ مقدار رهندو آهي. خاص طور تي اهڙين حالتن ۾ جڏهن واپرائجندڙ کاڌي يا ڪسرت/ڪرت ۾ ڪنهن سبب ڪري وڏي تبديلي آندي ويئي هجي. ذيابيطس

جي اهڙن مريضن کي اهو به سمجهايو ۽ سيکاريو ويندو آهي ته هو اهڙين حالتن جي پيدا ٿيڻ جون نشانيون سمجهي سگهن (جيڪي آهن: ٻوانٽي، نظر چٽي نه پوڻ ۽ جسم ۾ چيپ چيپ ٿيڻ) ۽ انهن لاءِ ترت اپاءَ وٺڻ. جيڪي آهن:

ڪا نشاستي واري شيءِ کائڻ، ڪوميٽاڻ يا مٺو شربت پيئڻ ۽ ڪجهه گهڙيون آرام ڪرڻ ۽ اجا به آرام نه ٿئي ته ڪين ترت طبي امدا طور اهڙيون سيون هڻڻ؛ هن حالت ۾ وڙيگلوڪئگان" (Glucagon) جي سئي هنئي ويندي آهي جيڪا ڪنهن غش ٿي ويل مريض جي رت جي کنڊ وڌائي ڇڏيندي آهي.

گهڻا ڊاڪٽر ذيابيطس جي مريضن کي اها به صلاح ڏيندا آهن ته هو سدائين ڪجهه ڪٽمنٽڙا پاڻ سان ساڻ رکن ۽ سندن مائٽن کي به اها سڌ هجڻ گهرجي ته هو اهڙين لاچاريءَ وارين حالتن ۾ ڪين ڪيئن گلوڪئگان جي سئي هڻي سگهن ٿا. اهڙيون لاچاريءَ واريون حالتون ورلي ڪو گنڀير ٿي سگهنديون آهن بشرطيڪ مريض يا ان جا مٽ مائٽ اهڙين حالتن ۾ صحيح اپاءَ وٺي سگهن.

عام طور تي ٿلها مريض جڏهن پنهنجو وزن گهٽائي ڇڏيندا آهن يا معقول کاڌي کائڻ جي چونڊ ڪندا آهن تڏهن سندن رت جي کنڊ ۾ يا ته سڌارو اچي ويندو آهي يا اها عام رواجي ٿي ويندي آهي.

**ڊگهي مدي لاءِ پيدا ٿيندڙ پيچيدگيون:**

جڏهن صحيح دوائون وٺجن ۽ ڊاڪٽر جي ڏسيل طور طريقن سان به واپرائيبيون رهجن ته اهڙا مريض اڄڪلهه ورلي ڪو، اڪيوٽ ميٽابولڪ حالتن جو شڪار ٿي سگهندا آهن. اها به هڪ بدقسمتي سمجهي ويندي آهي ته اڪيوٽ ميٽابولڪ حالتن جو شڪار مريض سولائيءَ سان نوبنو ٿي وڃي ٿو نسبتاً انهن حالتن جي جڏهن ڪو مريض ڊگهي مدي وارين پيچيدگين جو شڪار ٿي پيو هجي.

ڪنهن وقت اهو به سمجهيو ويندو هو ته ذيابيطس جون پيدا ٿيندڙ پيچيدگيون جهڙوڪ: بي حسي، نابينائپ ۽ بڪين جو ناڪاره ٿي وڃڻ رڳو ذيابيطس جي پهرين قسم سان لاڳاپيل آهي.

جڏهن ته هاڻ اها ڳالهه غلط سمجهي وڃي ٿي ڇوته، ذيابيطس جو ڪو به مريض اهڙين پيچيدگين جو شڪار ٿي

**رت ۾ کنڊ گهٽي گهٽ ٿي وڃڻ جون نشانيون**



- گهڻا پگهر اچڻ
- دل ڌڙڪڻ
- گهٽي بُک لڳڻ
- مٿي ۾ سور پوڻ
- هٿن، پيرن ۾ سين جو چيڪو محسوس ٿيڻ
- ڌيان هڪ هنڌ نه رهڻ
- ڳالهائڻ جو انداز مٽجي وڃڻ
- نظر ڌنڌلائڻ
- موڳو ٿيڻ
- ڪڏهن ڪڏهن بي هوش ٿي وڃڻ

سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته، ان جو مکيه سبب کنڊ جو اهو وڌي ويل مقدار هوندو آهي جيڪو تنتن/اعصابن، اکين، بڪين ۽ رت نلين کي تباهه ڪري وجهي ٿو. جيتوڻيڪ اسان کي اڃان تائين انهن ڳالهين جي ڄاڻ پئجي ناهي سگهي ته اهو ڪهڙيءَ طرح سان عمل ۾ اچي ٿو پر تنهن هوندي به اسان کي ايتري ڄاڻ ضرور آهي ته جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي اوتري قدر رت ۾ کنڊ جي مقدار کي عام رواجي حالتن ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪجي. ذيابيطس جي ڪنهن به مريض جي جيڪڏهن فاسٽنگ بلڊ شگر (جڏهن نيراني رت ڪڍي چڪاسي وڃي) ۽ پوسٽ ميل بلڊ شگر (کاڌي کائڻ کان پوءِ رت ڪڍي چڪاسي وڃي) ليول جاچبي ته اها عام طور تي سدائين وڌيل ملندي ۽ جڏهن اهڙي هائپر گلوئيسميا واري حالت برقرار رهي ٿي ته اها سيلن ۾ آهستي آهستي ۽ ڪي اهڙيون اٹل تبديليون آڻي ٿي جو اهي وري نيڪ ٿي نٿيون سگهن. (خاص طور تي ايڪسٽرا سيليولر مٽرڪس/اسڪئفولڊنگ ۽ ڊي.اين.اي ۾)

تنهن ڪري اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ تمام ضروري آهي ته، تنتن، رت نلين ۽ بڪين وغيره کي اهڙي نقصان ٿيڻ کان بچائڻ گهرجي، ڇوته جڏهن هڪ ڀيرو به اهڙو نقصان پيدا ٿي پيو ته پوءِ ڪڏهن به نيڪ ٿي نٿو سگهي. پوءِ چاهي ڪٿي رت جي شگر تي ڪيڏو به سخت ڪنٽرول ڇونه رکيو ويندو هجي. اهڙو نقصان بلڪل ائين آهي جيئن توهان

(ڏسو سفحو 33)

# "انسولن" ذيابيطس جي مريضن لاءِ آخري اميد

سنڌيڪار - علي مرتضيٰ ڌاريجو

**انسولن جي استعمال بابت عام ماڻهن جي خيال ۾ ڪي اجايون ڳالهيون**

- انسولن هڪ زهر آهي
- هڪ دفعو جيڪڏهن اها استعمال ڪرڻ شروع ڪبي تہ پوءِ انسان ان جو عادي ٿي ويچي ٿو ۽ سدائين استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿي پوي ٿو.
- انسولين جي استعمال ڪرڻ سان صحت تباهہ ٿي ويچي ٿي ۽ جسم جون مشڪون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون. جنهن سبب اڪثي هلي انسان اجل جو شڪار ٿي وڃي ٿو.

**جڏهن تہ اصل حقيقت هيءَ آهي تہ:**

ذيابيطس جي مريضن لاءِ انسولن هڪ دانُ آهي. انسولن 20هين صديءَ جي اوائل دوران حاصل ڪئي ويئي هئي ۽ ان کان پوءِ لاڳيتو استعمال ڪئي وڃي ٿي. انسولن مروج ڪرائيندڙ اهي ٻہ عظيم انسان آهن جن جو واسطو ڪئناڊا سان هيو، جيڪي هيا فريڊيرڪ گرانٽ بئنٽنگ ۽ چارلس هربرٽ بيسٽ
(Frederic Grant Banting and Charles Herbert Best 1891-1941)
. هنن ٻنهي پنهنجي سڄي زندگي ذيابيطس جي مرض جي تحقيق ڪرڻ تي وقف ڪري ڇڏي هئي. جنهن سبب اڄ سڄي دنيا جا لکين ذيابيطس جا مريض سکي زندگي گذاري رهيا آهن. هنن ٻنهي لبلبي جو ست ڪڍي انسولن جهڙي شيءِ متعارف ڪرائي. جنهن جي استعمال ڪرڻ سان رت ۾ کنڊ جي ليول گهٽجي وڃي ٿي.

**انسولن حاصل ڪرڻ جو مختصر قصو هيئن آهي تہ:**

اها سال 1921 جي هڪ اونهاري جي ڳالهہ آهي جڏهن ڊاڪٽر بئنٽنگ اها خواهش ظاهر ڪئي تہ هو يونيورسٽي آف ٽورنٽو جي فزيالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪجهہ وقت لاءِ اهڙا ڪجهہ تجربا ڪرڻ چاهي ٿو. تجربن لاءِ هن ڊاڪٽر بيسٽ جون خدمتون هڪ اسسٽنٽ طور حاصل ڪيون جيڪو ساڳئي سال گريجوئيشن ڪري چڪو هو. هنن ٻنهي گڏجي اونهاري جي گرم ڏينهن ۾ هڪ ننڍڙي ليبارٽري ۾ تجربا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ تجربن لاءِ هنن ڏهہ ڪتا استعمال ڪيا. جيئن تہ ڪين ليبارٽري محدود وقت لاءِ مليل هئي، ان سبب هنن ليبارٽريءَ ۾ ئي رهي تجربا ڪرڻ شروع ڪيا. ساڳئي وقت جيئن تہ وٽن ناڻي جي بہ کوٽ هئي انڪري بئنٽنگ پنهنجي ڪار وڪڻي ڪاڌي پيتي جو سامان حاصل ڪيو. ڪاڌي رڌڻ لاءِ هو ليبارٽريءَ جا برتن ڪتب آڻيندا هئا. هو پنهنجن تجربن ۾ 24 ئي ڪلاڪ مست رهندا هئا. جنهن سبب هو رات جو واري وٽيءَ سان، سمهندا هيا. نيٺ هو تجربا ڪندي ڪندي لبلبي مان ست ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جنهن کي هنن انسولن جو نالو ڏنو. اهو 14 نومبر 1921 جو ڏهاڙو هيو. پوءِ اهو ست هڪ ڪتي، جنهن جو نالو مارجوري (Marjorie) هيو تنهن کي سئي رستي جسم ۾ داخل ڪيو. ان ڪتي جو لبلبو اڳہ ئي نيڪال ڪيو ويو هو. انسولن جي سئي لڳڻ کان پوءِ ڪتو مري وڃڻ کان بچي پيو.

انسولن ست جيڪو بئنٽنگ ۽ بيسٽ تيار ڪيو هيو، 11 جنوري 1922 تي هڪ ٻارنهن سالن جي ٻالڪ ليونارڊ ٿامپسن کي سئي رستي هنيو ويو جيڪو ذيابيطس جو شڪار ٿيل هو ۽ ٽورنٽو جي جنرل اسپتال ۾ هن مرض ۾ پيڙجي رهيو هو. اهڙي طرح انسولن جي سئي ذيابيطس جي اهڙن سيني مريضن لاءِ هڪ معجزو ثابت ٿي.

**انسولن جي تاريخ جا ڪجهہ سنگ ميل:**

- 1935ع تائين انسولن جو رڳو اهو قسم مروج هيو جنهن جو اثر صرف ڇهن ڪلاڪن تائين مس هلندو هيو جنهن سبب اهڙن مريضن کي هر روز 3-4 سين هڻڻ جي ضرورت پوندي هئي.
- 1936 ۾ انسولن جون اهڙيون سيون مروج ٿيڻ لڳيون جن جو اثر وڌيڪ وقت تائين رهندڙ هيو جو انسولن جي اهڙين سين ۾ پروٽامائين (Protamine) مادو ملايو ويندو هو جيڪو مڇي جي تخمي جيون مان حاصل ڪيو ٿي ويو. پروٽامائين متعارف ڪرائيندڙ هاگيڊارن (Hagedorn) هيو.
- 1946 ۾ وري هڪ اهڙي قسم جي انسولن متعارف ڪرائي وئي جنهن ۾ ڪجهہ مقدار پروٽامائين، جست ۽ فينال جو بہ ملايو ٿي ويو. هن قسم جي انسولن جو اثر وڌيڪ ديرپا رهندڙ هو جيڪو 18 کان 24 ڪلاڪن تائين هلي ٿي سگهيو.

1979 ۾ هڪ اهڙي مڪمل طور تي مصنوعي، انساني انسولن تيار ٿيڻ لڳي جيڪا انجنيئرنگ رستي حاصل ڪئي ويندي آهي ۽ اهو طريقو متعارف ڪرائيندڙ گوڊل (Goeddel) هيو.

- 7 جولاءِ 1989 تي ڪئناڊين

# مٺي مرض (ذيابيطس) بابت مٺيون ڳالهيون

سنڌيڪار
ڊاڪٽر ثناءُ الله ڪوڪر

ساڳيو صحت ۽ تندرستي وارو رستو جيڪو اوهانکي دل جي بيمارين کان بہ بچائي سگهي ٿو سو اوهان کي ذيابيطس کان پڻ بچائي سگهي ٿو.

خاص ڪري اهڙا ماڻهو/عورتون جن کي ٻئي نموني واري ذيابيطس Type-II Diabetes آهي (جنهن ۾ Insulin واري سئي جي گهڻي ڀاڱي ضرورت نہ پوندي آهي) ۽ گهڻو ڪري 40 ورهين جي ڄمار کانپوءِ ٿيندي آهي، اهڙن ماڻهن جي لکن ڪروڙن خون جي رشتي وارن مٿن مائٽن کي اها سڌ هجڻ گهرجي تہ انهي مرض جو خطرو انهن کي پڻ ٿي سگهي ٿو. پوءِ چو نہ اهي صحتمند نوجوان هجن، خاص ڪري اهڙا ماڻهو جيڪي ٿلها متارا ۽ 40 سالن جي لڳ ڀڳ هجن تن ۾ 20 کان 30 سيڪڙي تائين ذيابيطس جا امڪان وڌيڪ هوندا آهن.

ڪيترن ماهرن گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ اها راءِ قائم ڪئي آهي تہ خالي پرهيز ۽ ورزش سان ٻئي نموني واري ذيابيطس (Type-II Diabetes) جا ڪيترائي مريض دواين جي جنجهٽ کان بچي سگهن ٿا.

موجوده دور جي حوالي سان تہ ڪن ماهرن ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ اڳواٽ اپائن وٺڻ سان ان موذي مرض جا خطرا ٽري سگهن ٿا. ڪيترا ذيابيطس جا ماهر ان ڳالهہ ۾ يقين رکن ٿا تہ وزن گهٽائڻ، ورزش، پورو پنو کاڌو، ذهني ۽ جسماني سکون سان ان بيماريءَ تي گهڻي ڀاڱي قابو پائي سگهجي ٿو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ پيچدگين ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي.

اصل ۾ ڏسجي تہ مٺو مرض يا ذيابيطس هڪ رتو بت (انسولين) تي دارومدار رکي ٿي. عام حالتن ۾ اها رتوبت کنڊ جي ذرن يا آئن (Molicules) کي انساني جسم اندر گهرڙن (Cells) لاءِ ٻارڻ (Fuel) طور ڪم ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪندي آهي. پهرين نموني واري ذيابيطس (Type-I Diabetes) ۾ تہ جسم اندر انسولين ٺهي ئي ڪونہ/ گهٽ ٿي. جڏهن تہ ٻئي نموني واري ذيابيطس (Type-II dia-betes) ۾ انساني جسم انسولين جي عمل کي روڪي (Resist) ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ انسولين جي وڌيڪ ٺهڻ جي باوجود بہ ان جو اثر ڪونہ ٿو وٺي نتيجي ۾ کنڊ جسماني گهرڙن (Cells) ۾ داخل ڪونہ ٿي،ٿي سگهي ۽ خون ۾ وڌي وڃي ٿي جنهن سبب گهرڙا (Cells) بکايل رهجي وڃن ٿا.

پهرين نموني واري ذيابيطس جنهن ۾ انسولين جون سيون لڳن ٿيون، اندازاً ڏهن ذيابيطس جي مريضن مان هڪ مريض کي پيڙائي ٿي. جڏهن تہ ٻئي نموني واري ذيابيطس ۾ ٿولهہ اڪثر ڪري مرض کي اينگهائي ٿي. هن گروپ ۾ جسم اندر سٽيائشو، هڏائيون مشڪون (Skeletal Muscles) ۽ جيرو، انسولين جي عام سطح کان وڌيڪ مقدار تي ئي ڪم ڪري سگهن ٿا. جڃهي مشاهدي اهو ثابت ڪيو آهي تہ ورزش ۽ وزن گهٽائڻ سان اهڙي حالت وڏي پيماني تي بدلجي وڃي ٿي ۽ جسم اندر شگر ۽ ڪاربوهائيڊريٽس جي برداشت ڪرڻ جي قوت وڌي ٿي.

**وزن گهٽائڻ**

آمريڪي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ (N.I.H) ۾ هڪ گڏجاڻي ڪري ذيابيطس تي ڄاڪوڙ ڪندڙ 14 ڊاڪٽرن ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ٻئي نموني واري ذيابيطس جا مريض هلڪي ڦلڪي کاڌي کائڻ سان وزن گهٽائن. هنن اهڙن مريضن کي صلاح ڏني آهي تہ هو هلڪا کاڌا (Low Caloric diets) کائڻ سان شگر ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ دواين کان بہ نجات حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ اهڙي طرح سندن صحتمند حياتي جو آغاز ٿئي ٿو. هن پروگرام کي هنن لائيف اسٽائيل پروگرام جو نالو ڏنو. ڄاڪوڙي ڊاڪٽرن جي ان ٽولي ذيابيطس جي مريضن کي اها صلاح پڻ ڏني آهي تہ هو چربي وارا کاڌا بالڪل ڇڏي ان جي پيٽ ۾ ڪجهہ پيچيدا نشاستي (Complex Carbohydrates) وارا کاڌا ٿوري مقدار ۾ استعمال ڪن.

ڪيترن شگر جي ماهرن وري ان ڄاڪوڙي ٽولي سان اختلاف رکندي اها ڳالهہ

تہ وڌيڪ نشاستي وارا ڪاڌا ڪن مريضن لاءِ انفرادي طور هاجيڪار بہ ٿي سگهن ٿا. انهن ان ڳالهہ تي ڏاڍو زور ڏنو آهي تہ ڪاڌي جي ردوبدل جو اصل مقصد ڪئلريز گهٽائڻ آهي.

خون ۾ کنڊ جي مقدار تي وڌي بحث کان پوءِ ان نتيجي تي اچڻو پوي ٿو تہ اهڙي قسم جي نشاستي وارين شين کي وري بہ نہ واپرائڻ گهرجي جن سان کنڊ گهٽي وڌي ويندي هجي. (N.I.H) وارن جاکوڙين کي ان ڳالهہ تي بہ ڳڻتي آهي تہ ڪاڌي جي جزن تي ڪيترا پيا بہ عمل اثر انداز ٿي سگهن ٿا. جن ۾ رڌ پچاءِ ڪاڌي جون ٿيون تياريون ۽ ڪاڌي کي سنڀالي رکڻ شامل آهن. جن سان بہ خون ۾ کنڊ جو مقدار متاثر ٿي سگهي ٿو. آڌا وارن جو بہ اهو چوڻ آهي تہ هر مريض انفرادي طور تي پنهنجي خون ۾ کنڊ جي حساب سان گهٽ ڪيلريز وارن ڪاڌن ۾ ردوبدل ڪري سگهي ٿو.

**تاندورن (Fibre) وارا ڪاڌا:-**

جيستائين تاندورن (Fibre) واري غذا سان ذيابيطس تي ضابطي ۾ مدد جو سوال آهي تہ ان کي N.I.H جي جاکوڙين ايتري جوش سان نہ اتساهيو آهي، سندن چوڻ آهي تہ وڌيڪ تاندورن واري غذا (High fibre diet) سان خون ۾ کنڊ جي ڪنٽرول ۽ ڪولسٽرال جي گهٽائڻ واري تحقيق اڃا اڻپوري آهي. جڏهن تہ ڪينٽڪي يونيورسٽي جي پروفيسر آف ميڊيسن ڊاڪٽر جيمس اينڊرسن جو چوڻ آهي تہ وڌيل تاندورن واري خوراڪ (High fibre diet) جي تحقيق ۾ اڻپورائي جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. آمريڪن جرنل آف گيسٽروانٽرالاجي ۾ ڊاڪٽر اينڊرسن هڪ سؤ کان وڌيڪ اهڙيون رپورٽون ڏنيون آهن جن ۾ ٻئي نموني واري ذيابيطس جي مريضن ۾ وڌيڪ تاندورن واري غذا (High fibre diet) جو سٺو اثر ڏيکاريو ويو آهي. هن جي نظر ۾ 85 سيڪڙو اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ وڌيڪ تاندورن واري غذا خون ۾ کنڊ جو مقدار، ٽرائگلائسرائڊ ۽ ڪولسٽرال گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي ۽ اڌ واڌ رپورٽن ۾ تہ اهو اثر چڱي طرح واضح هئو. جيتوڻيڪ اها تحقيق گهٽي ياڳي 6 کان 12 هفتن جي عرصي لاءِ هئي. پر ڪجهہ ڪيس ٻن کان چئن سالن جا هئا جن ۾ بہ برابر جا فائدا نظر آيا.

اينڊرسن چيو تہ کيس يقين آهي تہ ٻئي نموني جي ذيابيطس جا مريض اهڙي عام ڪاڌي کائڻ سان جنهن ۾ وڌيل تاندورا شامل آهن، ڏاڍو فائدو حاصل ڪري سگهندا. پر هڪڙي ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ وڌيڪ تاندورن واري غذا وڏي ڄمار ۾ وٽامن جي گهٽتائي جو سبب بڻجي سگهي ٿي ۽ ڪيترا پوڙها ان سبب هيٺا ٿي سگهن ٿا.

اينڊرسن اها ڳالهہ بہ ڪئي تہ هو پنهنجي گذريل 12 سالن جي تحقيق کي بہ انهن نتيجن جي حمايت ۾ پيش ڪري ٿو. هن ٻڌايو تہ اي. وي ميڊيڪل سينٽر ۾ سندس نگراني هيٺ ٻئي نموني وارن ذيابيطس جي مريضن لاءِ وڌيڪ تاندورن واري غذا (High fibre diet) تمام بهتر ثابت ٿي. جتي 900 اهڙن مريضن مان جيڪي اضافي انسولين وٺندا هئا اندازاً 600 مريض بغير انسولين جي ذيابيطس ڪنٽرول ڪري ويا. جيڪا من موهيندڙ حقيقت آهي.

اينڊرسن چيو تہ کيس يقين آهي تہ ٻئي نموني جي ذيابيطس جا مريض اهڙي عام ڪاڌي کائڻ سان جنهن ۾ وڌيل تاندورا شامل آهن، ڏاڍو فائدو حاصل ڪري سگهندا. پر هڪڙي ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ وڌيڪ تاندورن واري غذا وڏي ڄمار ۾ وٽامن جي گهٽتائي جو سبب بڻجي سگهي ٿي ۽ ڪيترا پوڙها ان سبب هيٺا ٿي سگهن ٿا.

**ورزش**

هاڻي هڪ ٻي ڳالهہ غور طلب آهي تہ جيڪڏهن ذيابيطس لاءِ ڪئلريز گهٽائي وزن گهٽ ڪرڻ ئي بهتر آهي تہ پوءِ ورزش لاءِ ڇا ٿو چئي سگهجي؟

انهي لاءِ ورييوستن يونيورسٽي اسپتال جي ذيابيطس شعبي جي سربراهہ ڊاڪٽر نيل بي. رودرمئن جو چوڻ آهي تہ سندس مشاهدي ۽ تحقيق مطابق ورزش نہ صرف خون ۾ کنڊ جو مقدار گهٽائي ٿي پر انسان کڏ جسم ۾ کنڊ استعمال ڪرڻ واري پيچ ڊاهہ جي طريقي (Suger Metabolism) کي بهتر ڪري ٿي. پر اهو وڌ ۾ وڌ 12 ڪلاڪن تائين هلي سگهي ٿو. انڪري ذيابيطس جي مريضن کي هڪ ڪري ۽ باقائدگي سان ورزش ڪرڻ گهرجي. پر اها ورزش ايتري ڳري بہ نہ هجي جو الٽو کنڊ جو مقدار ضرورت کان گهٽ ٿي وڃي.

ڊاڪٽر رودرمين تہ ان ڳالهہ ۾ بہ يقين رکي ٿو تہ ورزش ذيابيطس جي ٻئي نموني کي روڪي بہ سگهي ٿي. اهڙي حالت ۾ جڏهن ڪنهن جو وزن گهٽو وڌڻ شروع ٿئي تہ هو ورزش شروع ڪري. ڊائبيٽيز ۽ ڊائبيٽولاجي

جرنلس ۾ سندس ڇپيل تحقيق ۾ هن ان ڳالهه جو اظهار ڪيو.

هن وڌيڪ اهو به چيو ته ورزش سان نه صرف ذيابيطس کي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو پر انسان گڏوگڏ اها دل جي بيمارين، خون ۾ ڪوليسٽرال ۽ ٽرائيگلائسرائيڊس جي مقدار کي گهٽ ڪرڻ ۽ بلڊ پريشر لاءِ پڻ اها فائديمند آهي.

يونيورسٽي آف ورمونٽ جي اندو ڪرائينالاجي ميٽابولزم ۽ نيوٽريشن واري شعبي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ايڊورڊ هارٽن جو پڻ اهو يقين آهي ته ورزش جسم اندر انسولين کي هٽي ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي هن چيو ته ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرائڻ ڪانپوءِ اها ورزش جيڪا مريض آساني سان ڪري سگهي ٿو، آهستي آهستي شروع ڪري، پنڌ ڪرڻ کي زندگي جو معمول بڻائڻ، گهر ۾ هلڪين راندين، ترڻ ۽ سائيڪل هلائڻ کي هن بهتر ورزش سڏيو. ڊاڪٽر هارٽن ۽ روڊرمئن جي گڏيل راءِ موجب N.I.H جي جاڪوزين ورزش جي فائدن کي بيان نه ڪري انصاف نه ڪيو آهي. وزن گهٽ ڪرڻ سان گڏوگڏ ورزش ڪرڻ هڪ دوراند يشي ۽ ڏاهپ وارو عمل آهي ۽ اهڙي تسلي واري تحقيق کان پري هٽڻ سٺي ڳالهه نه آهي.

جڏهن ته نامه (N.I.H) جي جاڪوزي ڊاڪٽرن جي پينل اهڙن ذيابيطس جي مريضن کي ورزش لاءِ مشورو ڏنو جن شروعات کان وٺي بيماري جو طبي معائنو ڪرايو. جڏهن ته اهڙا مريض جيڪي دل جي بيمارين ۾ قاتل آهن تن کي هر وقت خبرداري سان عمل ڪرڻ گهرجي يا وري اهڙا ذيابيطس جا مريض جن جي خون جو دورو صحيح چال نه ڪندو هجي يا وري چنگهون ۽ ٻانهون سن ٿي وينديون هجن، يا منجهن سيون ڇينديون هجن تن کي ڊوڙڻ کان قطعي پاسو ڪرڻ گهرجي. ڇو ته ائين ڪرڻ سان چنگهه يا پير ۾ ڌڪ لڳڻ جو خطرو ٿي سگهي ٿو. انڪانسواءِ ذيابيطس جي عام پيچيدگي يعني اکين جي جهلي جي خرابي (Retinopathy) (جيڪا اندي ٿيڻ جو سبب پڻ ٿي سگهي ٿي) وارا مريض به اهڙي ورزش کان پاسو ڪن جنهن ۾ وزن کڻڻ يا وڏا ساهه کڻڻ جي ضرورت پوي جو ته N.I.H پينل جي جاڪوزي ڊاڪٽرن ان ڳالهه جو خدشو ظاهر ڪيو آهي ته ڪٿي اهڙن مريضن جي اک جون نليون نه ڦاٽي پون.

> ورزش سان نه صرف ذيابيطس کي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو پر انسان گڏوگڏ اها دل جي بيمارين، خون ۾ ڪوليسٽرال ۽ ٽرائيگلائسرائيڊس جي مقدار کي گهٽ ڪرڻ ۽ بلڊپريشر لاءِ پڻ اها فائديمند آهي.

**ذهني سڪون:-**

اگرچه N.I.H جي جاڪوزي ڊاڪٽرن واري پينل ذهني سڪون جو ذڪر نه ڪيو آهي پر ڊيوڪ يونيورسٽي ميڊيڪل سينٽر جي برتاءَ واري علاج جي تحقيق واري ماهر نفسيات ڊاڪٽر رچرڊ سروت ان ڳالهه جو جائزو پيش ڪيو آهي ته سڪون ذيابيطس جي علاج ۾ ڏاڍو مددگار ثابت ٿيو آهي.

ڊاڪٽر سروت جي تحقيق مان اهو اشارو ملي ٿو ته ذهني دٻاءُ (Stress) جسم اندر گلوڪوز ميٽابولزم کي گهٽائي ٿو. جيڪو ٻئي نموني واري ذيابيطس ۾ وڏي اهميت وارو مسئلو هوندو آهي. سروت جي جانورن تي ڪيل تحقيق مان خبر پوي ٿي ته ڪئين مٿان ماحولياتي دٻاءُ سبب ڪارٽيزول، اپينيفرين ۽ نارا ايپينيفرين هارمون جهجهي مقدار ۾ نڪرن ٿا. جن مان ڪارٽيزول لحميات (پروٽين) کي گلوڪوز ۾ تبديل ٿيڻ واري عمل ۾ مدد ڪري ٿي پر ان جي ٻيج ڊاهه واري عمل (Metabolisim) جي رفتار گهٽائي ٿي. اپينيفرين ۽ نارا ايپيفرين وري انسولين جي پيداوار ۾ رنڊڪ وجهي ٿي ۽ خون ۾ کنڊ جي مقدار کي وڌائي ٿي.

سروت هاڻي ان ڪوجنا کي لکيو پيو آهي ته ڇا صرف پرسڪون رهڻ سان خون ۾ کنڊ جو مقدار ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو؟ انهي تحقيق جا ڪيس اميدن پريا نتيجا ملي رهيا آهن. ٻئي نموني واري ذيابيطس جي اهڙن ڇهن. مريضن ۾ جن جي خون ۾ کنڊ جو مقدار دواين ۽ پرهيز سان ضابطي هيٺ نه اچي سگهيو هيو تن ۾ سڪون واري طريقه ڪار سان کنڊ جي مقدار تي ضابطي سان گڏوگڏ گلوڪوس جي برداشت (Glucose Tolerance) به وڌي آهي.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته وزن گهٽائڻ، ورزش، کاڌي پيتي ۾ احتياط ۽ زندگي جي ڇڪتاڻ گهٽائڻ وارن عملن ۾ محنت ۽ ضابطي جي ضرورت پوي ٿي پر انهن سيني شين کي اڳواٽ شروع ڪرڻ سان ٻئي نموني واري ذيابيطس جي هاڃيڪار اثرن کان نجات ضرور ملي ٿي.

■ ■ ■

(SWEETEX) جي نالي سان ملندي آهي. سيڪرين جي لاءِ امريڪا جي F.D.A وارننگ ڏني آهي ته اها مثاني جو ڪينسر ڪري سگهي ٿي. اها ٻارن ۽ ڳڀي (PREGNANT) عورتن ۾ بهتر آهي ته استعمال نه ڪي.

2- **اسپارٽيم** (ASPARTAME) هي اڄ تائين محفوظ ترين مٺو آهي. بازار ۾ ڪينڊرل ۽ ٻين نالن سان ملندي آهي. هن ۾ ٻه مکيه امائنو ايسڊ (Amino Acids) ٿيندا آهن. (1) Aspartic Adic (2) فينائل الانائن (Phenyl Alanine). هيءَ کنڊ کان 180 ڀيرا وڌيڪ مٺي آهي. پر ان جو اثر ٿهڪڻ تي ختم ٿي ويڃيٿو.

3- **ساربيٽال** (Sorbitol):- هي گهڻي مقدار ۾ کائڻ سان اسهال ڪري ٿي.

4- **فرڪٽوز** (Fructose):- قدرتي مٺاڻ آهي ۽ ماکيءَ ۾ جام مقدار ۾ هوندو آهي. ان جو اڳ ۾ ئي ذڪر ٿي چڪو آهي.

5- نشاستي-روڪ دوائون (Starch - blockers):- اهي ذيابيطس جي مريضن ۾ کاڌي کائڻ رت ۾ گلوڪوز وڌڻ نٿيون ڏين. مثلاً (-Glucosidase Inhibitors) هي Amylase ۽ Sucrase لعابن جو ضد (Enzymatic Antagonist) آهي.

16- هر غذا جي استعمال کان اڳ انهن جي حرارن (ڪيلوريز) جي مقدار جي معلومات انتهائي ضروري آهي، جيئن جسم جي وزن کي معتدل رکي سگهجي. ڪجهه عام غذائن جون ڪيلوريز هيٺ ڏجن ٿيون.

225 **ڪيلوريز:** آئسڪريم (هڪ ڪپ)

160 **ڪيلوريز:** نان يا ماني (هڪ عدد)

140 **ڪيلوريز:** ڪولڊ ڊرنڪ (ڪوڪا ڪولا وغيره: 12 آئونس)

120 **ڪيلوريز:** ڪيلو (وچولو)

80 **ڪيلوريز:** ڊبل روٽي (هڪ سلائس) يا اپريل چانور (هڪ ننڍڙي پليٽ)، پٽ (اڌ ڪوپ) يا اپريل دال (هڪ ننڍڙي پليٽ) يا اپريل پٽاٽو (هڪ عدد) يا اپريل مٽر (هڪ ننڍڙي پليٽ)

75 **ڪيلوريز:** اپريل بيضو (هڪ) يا ڪُڪڙ يا ٻڪري جو گوشت (اڌ آنو)، يا کير ملائي سان (4- آئونس).

60 **ڪيلوريز:** صوف، موسمي، ڪينو، نارنگي، مالٽو، چيڪو، گريپ فروٽ، آڙو ۽ ناشپاتي (سين مان ڪوبه هڪ عدد)، پپيتو، گدرو، هنداڻو، سردو ۽ گرمو (ڪنهن به هڪ جون چار ننڍڙيون ڦاڪون)، کير بغير ملائي جي (4 آئونس)

55 **ڪيلوريز:** مڇي يا ڪڪڙ (اڌ آنو)

45 **ڪيلوريز:** تيل يا گيهه يا کير جي ملائي يا آنڊي جي زردي يا مکڻ (هڪ چمچو، بادام (6- داڻا)، يا ٻوهي مگ (10 داڻا) يا ناريل پينل (ٻه چمچا)

25 **ڪيلوريز:** بصر ڪچا (هڪ ننڍي پليٽ)

20 **ڪيلوريز:** موري (هڪ ننڍڙي پليٽ)

15 **ڪيلوريز:** ڪچو ڪيرو يا گوبي (هڪ ننڍڙي پليٽ)

17- رات جي مانيءَ ۾ لحميات (PROTEINS) نشاستي (CARBO HYDRATES) جي مقابلي ۾ وڌيڪ استعمال ڪرڻ گهرجن. جيئن اهي سڄي رات (GLUCONEOGENESIS) جي ذريعي ٿورو ٿورو گلوڪوز رت ۾ پهچائي سگهن. لحميات جا بنيادي جزا (AMINO ACIDS) انسولين جي لبلبي منجهان اخراج کي وڌائيندا آهن.

18- شراب هوندن به اسلام ۾ حرام آهي، پر ذيابيطس جي حوالي سان گهڻو نقصانڪار آهي. ان ۾ موجود نشاستي جي ڪري وزن وڌندو آهي ۽ هڪدم رت ۾ گلوڪوز گهٽ ٿيڻ ڪري بيهوشي پڻ ٿي سگهي ٿي. ذيابيطس جي علاج لاءِ ورتل گورين BIGUANIDES سان ملي هو LACTACIDOSIS ڪندو آهي جيڪو تيزابيت واري بي هوشي جو هڪ قسم آهي. ذيابيطس لاءِ ورتل ٻي قسم جي گورين SULPHONYLUREA سان گڏ هي وري تمام خراب قسم جو ردعمل ڪندو آهي. ذيابيطس سان گڏ جيڪڏهن خون جو دٻاءُ (بلڊ پريشر) وڌيڪ هجي يا ماٺو ٿلهو هجي يا رت ۾ چربيءَ جو مقدار وڌيڪ هجي ته شراب ويتر وڌيڪ نقصان ڪندو آهي.

هر نشاستي واري غذا ڪي ذيابيطس جي مريضن لاءِ مفيد يا نقصانڪار هجڻ ان غذا جي GLYCAEMIC INDEX جي معيار تي پرکيو ويندو آهي. سولن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن غذا جي گلائيسمڪ انڊيڪس گهٽي آهي ته اُن کان پري رهجي چو ته هو رت ۾ گلوڪوز جي سطح هڪدم بُلند ڪري ٿي. ٽن ڪلاڪن تائين جو گراف هڪ جدول ذريعي ماپيو وڃي ٿو. اهو گراف نجي گلوڪوز جي گراف سان ڀيٽيو وڃي ٿو جنهن جي انڊيڪس هڪ سئو (100) آهي.

ڪجهه غذائن جي انڊيڪس هيٺ ڏنل آهي.

ماکي ۽ پٽاٽا (80)، چانور ۽ اڇي ڊبل روٽي (70)، ماني، چاڪليٽ (60) کنڊ، پيسٽري، سيون (50)، مٽر (40)، آئسڪريم (30)، دال (20)، ٻوهي مگ (10).

تازو مختلف تجربن سان ڏٺو ويو آهي ته کنڊ جو ننڍو مقدار جيڪڏهن ريشن وارن کاڌن جَوَن جي ماني يا ڀوسي واري ماني سان گڏ واپرايو وڃي ته کنڊ جو انڊيڪس گهٽجو نٿو وڃي. يعني اها گهٽ نقصانڪار ٿي وڃي ٿي. مقصد هي آهي ته شگر واري مريض کي قسمت سان مٺو کائڻ تي دل چوي ته اها سويٽ ڊش (تمام ٿوري مقدار ۾) مانيءَ سان گڏ کائي، خالي پيٽ نه. ساڳي ڳالهه انب، ٻين تازن ميون ۽ آئسڪريم لاءِ به ڪري سگهجي ٿي. بهتر آهي ته، اهي به مانيءَ سان گڏ يا هڪدم پوءِ کائجن.

مختلف نشاستي وارين غذائن کي نشاستي جي 10 گرام جي حصن ۾ ورهايو ويو آهي جيئن شگر جي مريضن

# صحت سڌ سماءُ

سهيڙيندڙ - اسحاق ٿل

## چمون - ذيابيطس جي مريضن لاءِ هڪ ترياق يا زهر

ڪراچي جي هڪ ڊاڪٽر ”ڊان“ اخبار ڪراچيءَ کي خط لکي عام ماڻهن کي ”چمونءَ“ جي ڪن طلسمي اثرن کان باخبر ڪيو آهي جنهن ۾ هن چيو آهي ته، چمون اونهاري جي مند جو ميوو آهي جيڪو تمام ٿورڙو وقت، اٽڪل ٻه مهينا، جون کان جولاءِ تائين مس ٿو هلي. اسان جي ملڪ ۾ اهو جهجهو ٿئي ٿو ۽ جيتوڻيڪ خاص طور سنڌ ۽ پنجاب ۾ جام لهي ٿو پر تنهن هوندي به 40 کان 60 روپيا في ڪلو کان گهٽ نٿو وڪامي.

ذيابيطس جي مريضن لاءِ اهو هڪ موهيندڙ ميوو آهي جيڪو هو ترياق طور استعمال ڪن ٿا. نه رڳو ايترو پر چمون جي موسم ۾ ذيابيطس جا ڪيترا مريض ته، پنهنجيون سڀ انگريزي دوائون کائڻ بند ڪري ڇڏين ٿا ۽ پوءِ رڳو ۽ رڳو چمون واپرائيندا رهن ٿا ايتري قدر جو ڪيترن اهڙن مريضن ته پنهنجي لاءِ چمونءَ جي ڪاٽيءَ جا پيالا به ٺهرائي ڇڏيا آهن جيڪي هو پاڻيءَ پيئڻ لاءِ ڪتب آڻن ٿا ۽ دوائن ڇڏڻ سبب هو ڪيترين پيچيده بيمارين جهڙوڪ: بلڊ پريشر، موتئي پاڻي، دل جي مرضن، بڪين جي ناڪاره ٿيڻ ۽ ڪاربنڪيولس (Carbunculus) وغيره جو شڪار ٿي پون ٿا.

مان جڏهن اهڙن ٻن مريضن کي ٽپاسيو ته مون کي فاسٽنگ ۽ رئنڊم بلڊ ٽيسٽ مان خبر پئي ته هو هائيپر گلائسيميا يعني ته هاءِ بلڊ شگر جو شڪار هيا ۽ انهن مان هڪڙي جي بڪين ته ڪم ڪرڻ به ڇڏي ڏنو آهي جنهن ڪري هو هاڻ هيموڊائليسس ڪرائي رهيو آهي.

جيستائين ڪنهن ميوي يا ميوي جي ٻجن جي سائنسي بنيادن تي مڪمل ڇنڊ ڇاڻ نه ٿي ڪئي وڃي تيستائين ان ميوي يا ميون جي ڪن ٻجن جي فائدن بابت عام ماڻهن کي واپرائڻ لاءِ صلاح مشورا ڏيڻ هڪ ڏوهه جي برابر آهي. ان سلسلي ۾ اسان جي اليڪٽرونڪ ميڊيا به ايتري ئي ذميواري آهي ڇو ته اها به اڻ ڄاڻ ماڻهن تائين اهڙيون ڪوڙيون ڳالهيون پهچائيندي رهي ٿي. اسان جا معتبر حڪيم، طبيب ۽ اهڙا ٻيا جڙين ٻوٽين جا ماهر جڏهن ٽي وي تي اچي اهڙن ميون جي فائدن بابت عام ماڻهن کي ڳالهيون ٻڌائين ٿا ته ڪين ساڳئي وقت اهو به ٻڌائڻ گهرجي ته دوا طور جسم ۾ انهن جا ڪهڙا اثر پيدا ٿين ٿا ۽ انهن جي ڪيميائي جوڙجڪ ڪهڙي آهي، ان لاءِ ڪين اهڙن بين الاقوامي طبي رسالن/جرنلن جا حوالا ضرور ڏيڻ گهرجن.

جيستائين چمون جو تعلق آهي ته، ان جي ڳر ڪائي ڪوڪڙو اچلايو ويندو آهي. جيئن ته ڳر مٺي آهي، ان سبب رت ۾ ڪنڊ جو مقدار غير رواجي طور تي وڌي وڃي ٿو ۽ منجهس ذيابيطس کي ختم ڪرڻ جو به ڪو اثر موجود ڪونهي. جڏهن ته چمونءَ جي ڪوڪڙي جي وري اها خاصيت آهي ته منجهس الڪلوائڊ (جمبو سائن) هجڻ سبب اهو جڏهن استعمال ڪجي ٿو ته ڊگهي عرصي تائين سخت قسم جي هائپو گلائيسيميا/لو بلڊ شگر پيدا ڪري وجهي ٿو. اهڙا تجربا سئين رستي ڪتن تي ڪيا ويا آهن. پر جڏهن اهي وات رستي واپرايا وڃن ٿا تڏهن انسانن جي ذيابيطس گهٽائڻ جو اثر بنهه نٿا رکن.

(مترجم - علي مرتضيٰ ڌاريجو)

## پروفيسر علي محمد انصاري پاڪستان ميڊيڪل ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ اليڪٽ چونڊجي ويو.

ڪراچي (ويچ رپورٽ) هڏي جي بيمارين جو مشهور سرجن ۽ اڳوڻو ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ پروفيسر علي محمد انصاري جيڪو ماهور ويچ جو سرپرست به آهي پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن جو بنا مقابلي مرڪزي پريزيڊنٽ اليڪٽ چونڊجي ويو آهي ۽ سال 1995-96 دوران پي-ايم اي جي مرڪزي صدر جي حيثيت سان ڪم ڪندو جڏهن ته ڊاڪٽر ڪليم بٽ موجوده مرڪزي سيڪريٽري جنرل ايندڙ ٻن سالن لاءِ ٻيهر ساڳي عهدي تي چونڊجي آيو آهي

# ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ

# گيلپ ٽينڊر نوٽيس

ايگزيڪيوٽو انجنيئر اسٽور ۽ پرچيز ڊويزن ڪي ڊبليو ۽ ايس بي طرفان هيٺيان اسٽور ايڪس اسٽاڪ بنياد تي مهيا ڪرڻ لاءِ مال ٺاهيندڙن، واپارين، ۽ ريزڪي وڪرو ڪندڙن کان مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

| جريان نمبر | اسٽورن جو تفصيل | فائيل نمبر | سوٽي رقم | ٽينڊر جي قيمت | کلڻ جي تاريخ |
|---|---|---|---|---|---|
| ١- | پري پرنٽيڊ واٽر/ رٽيل ڪمپيوٽر بلز. | بي يو-I/١٥/ ٽيڪس/ ٩٢-٩٣ | ٢% | ٣٠٠ روپيا | ٢-١-٩٣ |
| ٢- | پري پرنٽيڊ ايف ٽي ۽ سي ٽي ڪمپيوٽر بلز. | بي يو-I/١٦/ ٽيڪس/ ٩٢-٩٣ | ٢% | ٣٠٠ روپيا | -"- |

نالي لکيل مهربند ٽينڊر ايگزيڪيوٽو انجنيئر اسٽور اينڊ پرچيز ڊويزن جي آفيس واقع ٽائون ميل سامهون ڪارساز ڪراسنگ، شارع فيصل ڪراچي ۾ مٿي ڏيکاريل تاريخ تي ٠٠-١١ وڳي تائين ڏينهن جو وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳي ڏينهن تي سادي يارهين وڳي ڏينهن جو اهڙن ٺيڪيدارن جي روبرو، جيڪڏهن ڪي هوندا، کوليا ويندا.

ٽينڊر فارم جن ۾ شرط ۽ ضابطا ۽ تفصيلي صراحتون شامل آهن سي مٿي بيان ڪيل آفيسر جي آفيس مان هر هڪ جي سامهون ڏيکاريل ٽينڊر جي قيمت (ناقابل واپسي) پرڻ تي ٽينڊر کلڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ٠٠-١١ وڳي تائين حاصل ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر جي قيمت حبيب بينڪ لميٽيڊ، سنڌ سيڪريٽريٽ برانچ يا حسن اسڪوائر برانچ ۾ جمع ڪرائڻ گهرجي، جن لاءِ هن آفيس مان چالان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

بورڊ سواءِ ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي ڪوبہ يا سڀ ٽينڊر قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

**بقايائون بروقت ادا ڪريو**

ڪي ڊبليو ايس بي /92/360
الفرميشن/ڪراچي 6395

# ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

# ٽينڊر نوٽيس

ڪي ايم سي جي مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل جي ڪمن لاءِ منظور ٺيڪيدارن، جن سال 93-1992ع لاءِ تجديد ڪرائي هجي، تن کان هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

1- ڪي ايم سي قلندريا چورنگي لاءِ اسٽريٽ لائيٽ پول مهيا ڪرڻ/لڳائڻ.

| | | |
|---|---|---|
| ڪٽيل رقم -/16593 | في ٽينڊر جو ملهه | ٽينڊر جي ڪل رقم |
| پلس آئٽم ريٽ | -/200 | جو 2 سيڪڙو سوٽي |

2- گلشن مصطفيٰ فائر اسٽيشن سهراب ڳوٺ ڪي ايم سي جي نون ٺهيل فليٽن ۾ بجلي هڻڻ

| | | |
|---|---|---|
| ڪٽيل رقم-/180195 | في ٽينڊر جو ملهه | ٽينڊر جي ڪُل رقم |
| پلس آئٽم ريٽ | -/200 | جو 2 سيڪڙو سوٽي |

3- ڪريم آباد پل ڪي ايم سي جي سڌاري ۽ سنيار جو ڪم

| | | |
|---|---|---|
| ڪٽيل رقم -/2763 | في ٽينڊر جو ملهه | ٽينڊر جي ڪل رقم |
| پلس آئٽم ريٽ | -/200 | جو 2 سيڪڙو سوٽي |

4- نواب صديق علي خان روڊ ڪي ايم سي وٽ اسٽريٽ لائيٽ مهيا ڪرڻ/لڳائڻ

| | | |
|---|---|---|
| ڪٽيل رقم -/40238 | في ٽينڊر جو ملهه | ٽينڊر جي ڪل رقم |
| پلس آئٽم ريٽ | -/500 | جو 2 سيڪڙو سوٽي |

ٽينڊر جا ڪاغذ پٽ شرطن ۽ ضابطن سميت ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ايم ائنڊ اي II) ۽ سپرنٽينڊنگ انجنيئر (ايم ائنڊ اي) ڪي ايم سي، ٻئي واقع ڪي ايم سي ورڪشاپ نشتر روڊ ڪراچي جي آفيسن مان مٿي ڏيکاريل ٽينڊر ملهه (موٽ جوڳو نه) ڪنهن به مڃيل بئنڪ مان ورتل پي آرڊر جي صورت ۾، جي ادائگي تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر جا ڪاغذ پٽ چيف انجنيئر (ايم ائنڊ اي) واقع ڪي ايم سي ورڪشاپ نشتر روڊ ڪراچي ۽ سينٽرل انڪوائري آفيس واقع ڪي ايم سي مين بلڊنگ ايم اي جناح روڊ ڪراچي جي آفيسن مان مٿي ڄاڻايل ادائگي تي پڻ حاصل ڪري سگهجن ٿا.

ٽينڊر سان 2 سيڪڙي سوٽي جو پي آرڊر شامل هجڻ گهرجي ۽ ٽينڊر، چيف انجنيئر (ايم ائنڊ اي) ڪي ايم سي واقع ڪي ايم سي ورڪشاپ نشتر روڊ ڪراچي جي ٻاهران رکيل پيٽي ۾ 93-1-7ع تي 11:30 وڳي تائين وجهڻ گهرجن. جيڪي ساڳئي تاريخ ۽ وقت تي موجود مڙني واسطيدارن، جيڪي موجودگي جي خواهش رکندڙ هوندا، تن آڏو کوليا ويندا.

ڪي ايم سي بنا سبب ٻڌائڻ جي ڪنهن هڪ يا سمورين آڇن کي رد يا قبول ڪرڻ جو حق پاڻ وٽ رکي ٿي.

صحيح

ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

ڪي ايم سي 733/92

انفارميشن/ڪراچي: 6421

